# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو

جنوري - جون 2020ع



# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## سرسو جو خواب

پنڌي پيل ڪميونٽين کي خاص طور تي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڏسڻ ۽ روين جي تبديلي ذريعي سرگرم ڪميونٽي تنظيمن جوڙڻ ۾ مدد ڪرڻ تہ جيئن آزادي سان ماڻهن جي صلاحيتن ۽ راضپي سان غربت جو خاتمو ڪري سگهن.

## سرسو جو نصب العين

غربت کي شڪست ڏيڻ واري للڪار کي منهن ڏيڻ ۽ غريبن کي غربت جي لڪير کان مٿي آڻڻ ۽ هڪ معياري زندگي گذارڻ ۾ سهڪار ڪرڻ. پوئتي پيل پهراڙيءَ جي ماڻهن جي زندگي جي معيار ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ هيٺ صلاحيت اجاگر ڪرڻ.

## سرسو جا مقصد

- سنڌ ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ماڻهن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ راضپي کي اُڀارڻ.
- پاڪستان حڪومت جي غربت ختم ڪرڻ واري پاليسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.
- سنڌ حڪومت جي غربت گهٽائڻ واريون حڪمت عمليون عمل ۾آڻڻ وارين ڪوشش ۾ مدد ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

اهي ماڻهون جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهي (القران)

---

جَڪرو جَسَ ڪرو، ڀيا سَڀ آنيرا،
جيائين جُڙيو جَڪرو، تيائين نہ ڀيا،
مَتِي تَنهِن ماڳا، اَصُلُ هُئي ايتري.
شاه لَطيف

چھ ماهي
# سرسو
ميگزين

جنوري - جون 2020ع

**ايڊيٽر**
نويد اسحاق ميمڻ

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**
علي انور آزاد

**ايڊيٽوريل بورڊ**
غلام رسول سميجو
نياز احمد هنگورو
شازيہ زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ
بابر جاگيراڻي

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**
بخت علي ابڙو

**فوٽوگرافي**
محمد حنيف هنگورو

**رابطي لاءِ ڏس پتو**
مانيٽرنگ، اوئيليوئيشن ۽ ريسرچ يونٽ
(ايم اي آر_يو)
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس ، شڪارپور روڊ، سکر
(سنڌ)

فون: 071-56271820
فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ: www.srso.org.pk

**ڇپيندڙ**
فائن پيپر مارٽ، سکر (سنڌ)

## فهرست

- ايڊيٽر پاران 2
- سرسو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جو پيغام 3
- ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ 4
- مُک موضوع: ڪرونا 19 وبا ۽ ڪميونٽي ادارن جو ڪردار 7
- سرسو عمل ۾: ڇھن مهينن دوران ڪيل اهم سرگرميون 18
- سرسو جي سرگرمين جو تصوير نامو 26
- تعليم ۽ تربيت: ڪُرونا وائرس جي حقيقت ۽ روڪٿام 30
- ڪامياب ڪهاڻيون: ڪاروباري ترقياتي گروپ ميرپورخاص 35
- ڪامياب ڪهاڻيون: ڀهراڙيءَ جون اڳواڻ عورتون 37
- ڪميونٽي ادارن جو تعارف: ايل ايس او مسيحا لاڙڪاڻو 40
- ٻيو رُخ: اعليٰ تعليم يافتہ نوجوانن کي بزنس انٽرپرائيز ڏانهن اڇڻ گھرجي 44
- روشن ڏيئا: پروفيسر نثار احمد صديقي (مرحوم) هڪ ادارا ساز شخصيت 47

هيڊ آفيس: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)

# ايڊيٽر پاران

آفتون يا هنگامي صورتحال، پوءِ چاهي اهي قدرتي هجن يا انساني غلطيءَ سبب آيون هجن، هميشہ مصيبتون ۽ تڪليفون آڻينديون آهن. آفتن هميشہ انساني زندگي ۽ جياپي جي لاءِ ڪيئي سنگين مشڪلاتون پيدا ڪيون آهن. جنهن ڪري خاص طور تي سڀ کان غريب ۽ ڏتڙيل خاندان ۽ فرد وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. دنيا جي 192 ملڪن کان پوءِ ڪرونا وبا جي روڪٿام لاءِ مارچ مهيني دوران پاڪستان ۾ بہ لاڪ ڊائون لاڳو ڪيو ويو تہ جيئن هن وبا کي وڌيڪ ڦهلجڻ کان روڪي سگهجي. ٻئي طرف غريب ۽ روزانو ڪمائيندڙ خاندانن لاءِ روزي روٽي جو بہ وڏو مسئلو پيدا ٿي پيو. ان صورتحال ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پنهنجو ڪردار نڀائيندي هن وبا خلاف جنگ جو حصو بڻجي ڪم شروع ڪيو. جنهن ۾ اداري پنهنجون روزانو واريون سرگرميون ختم ڪري وبا جي بچاءَ لاءِ طئي ڪيل اصول ۽ ضابطا اپنائيندي ڪم ڪيو. خاص طور تي منظم ڪيل گهراڻن پاران جوڙيل ڪميونٽي ادارا اڳتي آيا ۽ پنهنجي مدد پاڻ تحت جي اصول کي عملي شڪل ڏيندي غريب خاندانن جي لاءِ ڪاڌ خوراڪ مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، وبا بابت جاڳرتا مهم شروع ڪئي ۽ حڪومتي ادارن ۽ ضلعي انتظاميہ سان سهڪار ڪندي ڪرونا وبا کي منهن ڏيڻ وارين ڪوششن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيا.

سرسو سنڌي ميگزين جي هن شماري ۾ ڪرونا ايمرجنسي ۾ ڪميونٽي ادارن جي ڪيل ڪم کي ڪور اسٽوري طور شامل ڪيو ويو آهي تہ جيئن انهن جي ڪردار کي سڀني جي سامهون آڻي سگهجي. ان کان علاوه آفتن، ان جي تياري ۽ انتظامڪاري جي حوالي سان سرسو جي ڪم جو بہ جائزو ورتو ويو آهي. گڏوگڏ ڪرونا وبا بابت بنيادي معلومات بہ شامل آهي.

ميگزين ۾ گذريل شماري کان شروع ڪيل نوان سلسلا جهڙوڪ: ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهہ ٻولهہ، ڇهہ ماهي دوران ڪيل اهم سرگرمين جون خبرون، هلندڙ منصوبن جون ڪامياب ڪهاڻيون، ڪميونٽي اداري طور ايل ايس او مسيحا جو تعارف بہ شامل آهن. جڏهن تہ سنڌ جي روشن ڏيئا سلسلي ۾ هن ئي ڇهہ ماهي ۾ وڇڙي ويل مهان تعليمدان محترم نثار احمد صديقي صاحب جن جو خاڪو ڏنو ويو آهي ۽ ان جي شخصيت ۽ ڪيل ڪم بابت ڄاڻ شامل آهي. ٻيو رُخ سلسلي ۾ ڪاروبار ۾ ڊگري حاصل ڪندڙ نوجوانن کي ڪاروبار ڪرڻ بابت بحث مباحثو بہ شامل آهي.

سرسو ميگزين جي هن شماري ۾ شامل مختلف سلسلن ۽ مواد بابت اوهان جي راين ۽ تجويزن جو انتظار رهندو.

ساٿ سلامت

**نويد اسحاق ميمڻ**

سينيئر مئنيجر

# پيغام

آفتون جتي هڪ طرف ماڻهن جي مصيبتن ۾ اضافو آڻين ٿيون، تہ ٻئي طرف انهن جي صلاحيتن ۽ خدمت ڪرڻ واري جذبي کي آزمائڻ جو هڪ موقعو پڻ مهيا ڪن ٿيون. ڪرونا ايمرجنسي ۾ ڪميونٽي ادارن (سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) جي منظم ۽ متحرڪ ڪارڪنن پنهنجي فرض کي سمجهندي ان کي چڱيءَ طرح نڀايو ۽ ثابت بہ ڪيو. اسان انهن جي اهميت کي سرڪاري، غيرسرڪاري ۽ يونين ڪائونسل سطح تي سيني جي سامهون آندو آهي. ۽ سيني ڪميونٽي سطح تي انهن جي ضرورت ۽ اهميت کي سمجهيو ۽ گڏوگڏ سرڪاري سطح تي بہ انهن جي ڪم ۽ ڪردار کي ساراهيو ويو آهي. اسين سمجهون ٿا تہ اها اسان سيني جي لاءِ وڏي فخر جي ڳالهہ آهي تہ ڪميونٽي ادارن هن ڏکيءَ گهڙيءَ ۾ پنهنجي ڪردار کي ڀرپور رضاڪاراڻه خدمتن جي ڪري پاڻ مڃرايو آهي.

سرسو هميشہ اهڙين قدرتي مصيبتن ۾ پنهنجي ڪم ڪرڻ وارن علائقن ۾ ڪوناڻن سان گڏ رهي آهي ۽ ڪميونٽي ادارن جي مدد ۽ رهنمائي ڪئي آهي. سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن سان سهڪار ۾ رهي ڪري مدد حاصل ڪئي آهي تہ جيئن آفتن ۽ مصيبتن کي مؤثر طورتي منهن ڏئي سگهجي. ڪرونا وبا جي هنگامي صورتحال پوري ملڪ ۾ ڪيترائي مسئلا پيدا ڪيا آهن، جن جا اثر گهڻي وقت تائين محسوس ڪيا ويندا. انهن اثرن جي شدت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ هر سطح تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

قدرتي آفتون زندگيءَ جو حصو آهن، ڪڏهن بہ ڪٿي بہ اچي سگهن ٿيون. ان ڪري انهن جي خطرن ۽ نقصانن کان بچاءَ لاءِ اڳواٽ تياري ڪرڻ اسان تي لازمي آهي. سرسو قدرتي آفتن جي تياري ۽ انتظامڪاري کي پنهنجي ڪم جو هڪ اهم حصو سمجهي ٿي ۽ اسان جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ ڪميونٽي جي متحرڪ ڪارڪنن جي مهارتن ۾ اجان وڌيڪ اضافو ڪجي تہ جيئن هر سطح تي آفتن کي منهن ڏئي سگهڻ جي صلاحيت رکن ۽ گڏوگڏ لاڳاپيل ادارن سان رابطاڪاري ڪري مدد وٺي ۽ ڪري سگهن.

ڪرونا وبا ختم ناهي ٿي، اها اڄ بہ دنيا ۽ پاڪستان لاءِ هڪ چئلينج بڻيل آهي، ان ڪري اسان سيني کي هن وبا خلاف جوٽيل جنگ جاري رکڻي آهي ۽ مڪمل احتياط ڪرڻو آهي. اسان کي پوري اميد آهي تہ ڪاميابي انسانيت جي ٿيڻي آهي.

توهان جي ترقي جي سفر جو ساٿي

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر
سرسو

## ڪميونٽي ادارن ۾ ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ

# پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (پي پي اي ايف) جي سربراھ محترم قاضي عظمت عيسيٰ جو ڪشمور - ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور ضلعن ۾ هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) جو دورو ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس جي مُتحرڪ عورت ڪارڪنن سان ڳالھ ٻولھ

**بخت علي ابڙو**
سرسو هيڊ آفيس سکر

پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (پي پي اي ايف) جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسرمحترم قاضي عظمت عيسيٰ جي اڳواڻي ۾ هڪ وفد سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران حڪومت پاڪستان ۽ انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچر اينڊ ڊولپمينٽ (آءِ ايف اي ڊي) جي سهڪار سان هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) ۾ شامل سنڌ جي ٻن ضلعن ڪشمور ۽ شڪارپور جو فيبروري 24، 2020 تي دورو ڪيو. وفد ڳوٺ عطُر چاچڙ يونين ڪائونسل رسول بخش (ڪشمور) ۽ ڳوٺ ڪبڙِي يونين ڪائونسل طيب (شڪارپور) ۾ پيداواري اثاثن ورهائڻ جي تقريبن ۾ شرڪت ڪئي ۽ فائدو حاصل ڪندڙ عورتن ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جي نمائندن سان پروگرام جي عمل دوران پيش ايندڙ مسئلن تي ڳالھ ٻولھ ڪئي. محترم قاضي عظمت عيسيٰ جي ايل



## ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه



ايس اوز جي اڳواڻن شاندار آجيان ڪئي. انهيءَ موقعي تي ايل ايس او بخاري يونين ڪائونسل رسول بخش (ڪشمور) ۾ ۽ ايل ايس او ڪائنات يوسي طيب (شڪارپور) ۾ عورت اڳواڻن جي علائقي ۾ ايل ايس او جي قيام پس منظر ۽ ايل ايس او جا اهم مقصد، تنظيمي ڪارڪردگي ۽ ڪيل اهم سرگرمين ۽ حاصل ڪيل ڪاميابين بابت آگاهي ڏني، خاص طور تي غريب ترين گهراڻن ۽ فائدو حاصل ڪندڙ عورتن جي چونڊ ڪرڻ، مقرر ڪيل معيار مطابق پيداواري اثاثا خريد ڪرڻ بابت ڪيس تفصيل سان آگاهه ڪيو ويو. ان موقعي تي ڳوٺاڻين عورتن پنهنجون ڪامياب ڪيس اسٽڊيز پڻ ٻڌايون. اڳواڻ عورتن وفد کي ٻڌايو ته ان سڄي عمل دوران جتي مُشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، اتي ڪيترين نيون ڳالهيون سکڻ جو موقعو پڻ ملي ٿو.

محترم قاضي عظمت عيسيٰ عورتن سان ڳالهائيندي چيو ته ”هي پروگرام غريب ترين گهراڻن کي غربت جي ڏٻڻ مان هميشه لاءِ جان آجي ڪرائڻ لاءِ پاڪستان جي 23 ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو آهي. سنڌ جي ستن ضلعن ۾ ڪشمور ۽ شڪارپور ضلعا پڻ شامل آهن.

جيئن ته هي پروگرام بينظير انڪم سپورٽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ مستحق گهراڻن جي عورتن کي مستقل طور تي روزگار ۽ آمدني وسيلا جي لاءِ آهي. هن وڌيڪ چيو ته ”پي پي اي ايف پنهنجي 5 اهم رهنما اصولن: شرڪت، ڀاڱي ڀائيواري، شفافيت، جوابدهي ۽ پائداري کي يقيني بڻائيندي ڪم ڪندي آهي ۽ مون کي پروگرام جي ڪاميابيءَ کي ڏسي ۽ توهان سڀني سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، جو توهان عملي طور تي انهن سڀني قدرن جي پوئواري چڱي طرح ڪري رهيون آهيو. توهان جي محنت ۽ جذبو ڏسي اها پڪ ٿي وئي آهي ته غربت کي گهٽائڻ ۾ اسان هڪ ڏينهن ضرور ڪامياب ٿيندا سين. سلام آهي توهان جي محنت جذبي ۽ پنهنجائپ واري جذبي کي، مون کي اميد آهي ته انهيءَ ئي جذبي سان هن پروگرام مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪندي مستقل بنيادن تي غربت مان پنهنجي جان آجي ڪندا.

ان موقعي تي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته” سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن توهان عورتن جي تنظيمن ذريعي پائدار سماجي تحرڪ ۽ ادارن جي قيام ۽ ترقي جي بنيادن تي ڪم ڪري رهي آهي. اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي ته توهان ادارتي بنيادن تي سڀني منصوبن ۾ شامل به آهيو ۽ انهن جي ڪاميابين ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهيو.“ هن وڌيڪ چيو ته ”پي پي اي ايف جي سرسو سان ترقيءَ جي عمل ۾ تمام پراڻي ۽ سرگرم حصيداري رهي آهي ۽ هي منصوبو به ان عمل جي هڪ ڪڙي آهي. جنهن لاءِ اسان حڪومت

## ڪميونٽي ادارن ۽ ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

پاڪستان ۾ پي پي اي ايف جا ٿورائتا آهيون.“ دوري دوران ضلعي ڪشمور ۾ 61 ۽ شڪارپور ۾ 18 غريب ترين گهراڻن جي عورتن کي چوپايو مال، ڪرياني جو سامان، مال ڍوئڻ ۽ سواري وارا رڪشا پڻ تقسيم ڪيا ويا. ٻنهي تقريبين ۾ فائدو حاصل ڪندڙعورتن، ڪميونٽي ادارن جي سرگرم ڪارڪنن ۽ سرڪاري ادارن جي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

پي پي اَي ايف وفد سان گڏ پي پي اي ايف جي سيده شهربانو، سجاد علي، سرسو ريجنل مئنيجر غلام رسول سميجو، جمال مصطفيٰ شورو، پروگرام مئنيجر (اين پي جي پي) مظفر پنهور ۽ سرسو ضلعي جي ٽيم جا ميمبر پڻ شامل هئا.

دوري جي ٻي ڏينهن فيبروري 25، 2020 تي سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جي سرگرم ڪارڪن عورتن سان هڪ ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو، جنهن ۾ سکر، خيرپور ۽ شڪارپور ضلعن  کان 100 کان وڌيڪ سرگرم ڪارڪن عورتن شرڪت ڪئي. ڪميونٽي ادارن جي سرگرم ڪارڪنن ڪميونٽي ادارن ۾



پنهنجي زندگي جون ڪامياب ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته سرسو اسان کي ان لائق بڻائيو آهي جو اسان پنهنجي زندگين ۾ تبديلي آندي ۽ گڏوگڏ پنهنجن ڳوٺن جي ترقي جي لاءِ به ڪم ڪري ڏيکاريو آهي جنهن جي ڪري اڄ اسان توهان سڀني سان مخاطب ٿيون آهيون.

سرگرم ڪارڪن عورتن سان ڳالهائيندي محتر قاضي عظمت صاحب چيو ته ”مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي توهان کي هتي ڏسي، ملي ۽ توهان جي ڪاميابين، تبديلين ۽ ترقيءَ جون ڪهاڻيون ٻڌي. توهان کي منظم ڏسي اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سرسو جسُ لهڻي جنهن ايڏو بهترين ڪم ڪيو آهي جو ڳوٺاڻيون عورتون ميڙاڪي ۾ بيهي پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌائي رهيون آهن. هاڻ پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن سرسو پاڪستان جو پهريون ڳوٺاڻو سهڪاري پروگرام هوندو جيڪو پوري سنڌ جي ڪميونٽين کي منظم ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندو“ ان ڳالهه ٻولهه ۾ سرسو جي سي اِي او محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو عورتن سان مخاطب ٿيندي چيو ته توهان ئي ليڊر آهيو ۽ توهان ئي اڳواڻ توهان جيڪو پنهنجن علائقن ۾ ڪم ڪيو آهي اهو تعريف لائق آهي، چوته ٻهراڙين ۾ ڪافي مشڪلاتون هونديون آهن جنهن کي منهن ڏئي توهان پنهنجي لاءِ ۽ ٻين مستحق گهراڻن لاءِ ڪم ڪيو آهي. اسان جو ساٿ هميشه منظم عورتن سان رهيو آهي ۽ رهندو، سرسو ۽ حڪومت سنڌ جي اها ڪوشش آهي ته سنڌ مان غربت کي گهٽائڻ لاءِ وڌ کان وڌ ڪوشش ڪجي ته جيئن خوشحالي طرف  گڏيل طور وک وڌائي سگهجي.

مُک موضوع

آفتن جي تياري ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# ڪرونا-19 وبا واري ايمرجنسي ۾ منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن جو ڪردار

## هنگامي صورتحال کي مُنهن ڏيڻ لاءِ ورتل اُپائن جو تفصيلي جائزو

رپورٽ ۽ جائزو: علي انو آزاد

### تعارف

موسمياتي تبديلي، قدرتي وسيلن جو غلط استعمال، بغير پائدار رٿابندي جي ترقي، غربت ۽ ناانصافي جديد دنيا جون ڪجهه اهم للڪارون آهن، جن دنيا کي سيني لاءِ غير محفوظ بڻائي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن انهن مسئلن کي سوچي سمجهي جٽادار سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي



## مُک موضوع

ترقيءَ سان نہ ڳنڍيو ويو تہ آفتن اچڻ جا خطرا وڌي سگهن ٿا.  آفتن جي خطرن ۽ نقصانن جي اڳواٽ تياري، منصوباسازي ۽ اُپائن ذريعي گهٽ ڪري سگهجي ٿو. سڄي دنيا ۾ آفتن ۽ هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ جي اڳواٽ ۽ بعد جي تياري ۽ منصوباسازي زندگي جي هر شعبي ۽ اداري ۾ ڪئي وڃي ٿي.

آفتن جي تياري اسڪول جي نصاب ۾ شامل ڪرڻ کان وٺي مقامي ڪميونٽين ۽ ادارن جي آفتن جي خطرن جي نشاندهي ڪرڻ، انهن کي موثر طورتي منهن ڏيڻ جي صلاحيت پيدا ڪرڻ، گهربل انساني، مالي، فني ۽ وسيلا ۽ اوزار موجود هجڻ ۽ مددگار پاليسي ۽ ادارن جي قيام لازمي حصو آهي.

پاڪستان بہ دنيا جي خطرن واري اهم زون ۾ اچي ٿو. جيڪو ويجهو ماضيءَ واري تاريخ ۾ دنيا جي بدترين ۽ خطرناڪ آفتن جو شڪار پڻ ٿيو آهي، جنهن ۾ 2005 وارو ڪشمير ۽ اترين علائقن آيل خوفناڪ زلزلو، 2010 واري مها ٻوڏ، 2011 ۽ 2012 واري برساتي ٻوڏين ۽ لڳاتار دهشتگردي جا واقعا شامل آهن.

پاڪستان ۾ آفتن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ملڪي، صوبائي ۽ ضلعي سطح تي نيشنل ڊيزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) جهڙو ادارو پڻ جوڙيو ويو آهي، جيڪو هر طرح جي آفتن کي منهن ڏيڻ جي حوالي سان ذميدار آهي. اهو ادارو آفتن جي انتظامڪاري جي قومي پاليسي تحت 2005ع ۾ قائم ڪيو ويو.

### پاڪستان ۾ ڪرونا وبا جي صورتحال

2020 جي جنوري مهيني کان چين کان شروع ٿيندڙ ۽ مارچ مهيني کان پاڪستان ۾ شروع ٿيل ڪرونا کي صحت جي عالمي اداري (ڊبليو ايڇ او) هڪ عالمي وبا ۽ آفت قرار ڏنو ۽ ان جي روڪ لاءِ هنگامي بنيادن تي عالمي، علائقائي، ملڪي ۽ مقامي سطح تي عملي اُپاءَ وٺڻ جي صلاح ڏني. پاڪستان پڻ ان تي عمل ڪندي مارچ مهيني جي آخر ۾ هنگامي صورتحال جو اعلان ڪندي لاڪ ڊائون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پاڪستان جي ذميدار ادارن جي انگن اکرن مطابق جون جي آخر تائين ملڪ ۾ مجموعي طور تصديق ٿيل کل ڪُرونا ڪيسن جو تعداد 294،638 هو جڏهن تہ فوتين جو انگ 6،274 آهي.

### جون 30، 2020 تائين پاڪستان ۾ ڪرونا ڪيسن جو تعداد

| عنوان | تصديق ٿيل ڪيس | ظاهر ڪيس | فوتگيون | صحتياب ٿيل مريض |
|---|---|---|---|---|
| پاڪستان | 294,638 | 8,803 | 6,274 | 279,561 |
| سنڌ | 128,877 | 3,938 | 2,388 | 122,551 |
| پنجاب | 96,540 | 1,954 | 2,193 | 92,393 |
| خيبر پختون خواه | 35,893 | 1,004 | 1,249 | 33,640 |
| بلوچستان | 12,721 | 966 | 141 | 11,614 |
| گلگت بلتستان | 2,773 | 317 | 67 | 2,389 |
| آزاد ڪشمير | 2,272 | 121 | 61 | 2,090 |
| اسلام آباد | 15,562 | 503 | 175 | 14,884 |

*ذريعو: منسٽري آف نيشنل هيلٿ سروسز ريگيوليشنز ۽ ڪوآرڊينيشن، حڪومتِ پاڪستان جون30، 2020*

## مُک موضوع

### ڪُرونا وبا دوران سرسو جو ڪردار

قدرتي آفتن جي تياري سهڪاري ادارن جي ڪم جو هڪ اهم شعبو آهي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائزيشن (سرسو) ٻهراڙين جي ترقيءَ ۾ هڪ سهڪاري ۽ مددگار ادارو آهي ۽ هميشہ قدرتي آفتن جي انتظامڪاري ۽ ايمرجنسي صورتحال ۾ پنهنجو اهم ڪردار نڀايو آهي. سرسو وٽ آفتن ڪي منهن ڏيڻ جي حوالي سان پوري صلاحيت ۽ وسيع تجربو رکندڙ ۽ باصلاحيت ورڪر ٽيم آهي. 2010 واري مها ٻوڏ دوران هر ڏکي گهڙيءَ ۾ پهرين ڏينهن کان وٺي نئين سر بحالي، تعمير ۽ ترقي تائين پنهنجو ڪردار نڀايو.

هينئر جيئن تہ ڪُرونا وائرس دنيا جي 192 کان وڌيڪ ملڪن ۾ پکڙجي هڪ وبا جي شڪل اختيار ڪئي تہ عالمي صحت جي اداري (ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن) پوري دنيا ۾ ايمرجنسي جي صورتحال جو اعلان ڪيو. پاڪستان بہ ان جي پوئواري ڪندي ملڪ ۾ وبا ڪي روڪڻ ۽ منهن ڏيڻ جي لاءِ اُپاءَ وٺڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مارچ مهيني ۾ ئي چئني صوبن ۽ گلگت- بلتستان، آزاد ڄمون ڪشمير ۽ اسلام آباد ۾ لاڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو ۽ نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر (اين سي او سي) قائم ڪري ڪُرونا بابت پاليسي، نگراني ۽ عمل ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو. سنڌ حڪومت پهرين حڪومت هئي جنهن لاڪ دائون تي عمل ڪندي، ان ڪي يقيني بڻايو ۽ متاثر ٿيندڙ ماڻهن جي مدد لاءِ اڳتي آئي.

ملڪ ۾ وبا جي صورتحال ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي فيصلن ڪي ڏسندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز (بي او ڊيز) مارچ 24، 2020 تي ويڊيو لنڪ ذريعي هڪ هنگامي گڏجاڻي ڪئي ۽ اداري جي رهنمائي ڪندي فيصلو ڪيو تہ سرسو پنهنجو ڪم غريب ترين خاندانن جي مدد ڪميونٽي ادارن سان گڏجي ڪندي. گڏوگڏ هن ڏکي گهڙيءَ ۾ پنهنجو اسٽاف، منظم ڪيل ڪميونٽي، عوام جي حفاظت ۽ وبا جي روڪ لاءِ جاڳرتا ۽ عملي اُپائڻ ذريعي يقيني پڻ بڻائيندي ۽ سنڌ حڪومت جي وبا خلاف جنگ

### سرسو جي ڪم جي پُهچ ۽ ڪرونا وبا ڪي مُنهن ڏيڻ واري ڪم جو دائرو

| | |
|---|---|
| سرسو جي ڪم جي پُهچ ۽ ڪرونا وبا ڪي منهن ڏيڻ جي دائري ۾ ضلعا | 14 |
| ڪرونا وبا ڪي منهن ڏيڻ ۽ رابطي لاءِ ڊويزن، ضلعي ۽ تعلقي سطح تي جوڙيل ٽاسڪ فورسس ۽ اسپيشل ڪاميٽين جو تعداد، جنهن ۾ سرسو سرگرم حصو رهيو. | 89 |
| ڪرونا وبا ڪي منهن ڏيڻ ۽ رابطي لاءِ جوڙيل اسپيشل ڪاميٽين جو تعداد، جنهن ۾ ايل ايس اوز ۽ سي آر پيز سرگرم حصو رهي | 348 |
| ڪم ڪرڻ وارن ڪُل تعلقن جو تعداد | 64 |
| ڪم ڪرڻ وارن شهرن جو تعداد | 99 |
| ڪم ڪرڻ وارين يونين ڪائونسلن جو تعداد | 459 |



## مُک موضوع

۾ ٻانهن ٻيلي بڻبي.
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ڪرونا وبا واري ايمرجنسي ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪميونٽي جي اڳواٽي واري حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ هيٺين سطح تي جوڙيل ڪميونٽي ادارن (ڪميونٽي آرگنائزيشنس، وليج آرگنائيزيشنس ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس) جي سهڪار سان ڪم ڪرڻ جو سوچو. ڪميونٽي ادارن پنهنجي علائقي ۾ لاڪ ڊائون دوران گهر گهر وڃي، ماڻهن جي سهائتا ڪري وبا جي خلاف عملي طور ڪم ڪيو. جنهن ۾ انهن پنهنجا تمام وسيلا جهڙوڪ: مالي سهائتا، مهارتون، رابطا ۽ انساني وسيلا ڪتب آندا ۽ مقامي سطح تي سرنديءَ وارن ماڻهن، مقامي چونڊيل نمائندن، سماجي تنظيمن، سرڪاري ادارن ۽ ضلعي انتظاميه سان وقتائتي رابطاڪاري ڪري ضرورت مند گهراڻن جي مختلف حوالن سان واهر ڪئي.
عوامي جاڳرتا مهم هيٺ سماجي تحرڪ ۽ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف سرگرميون ڪيون ۽ رضاڪارانه طور تي سنڌ حڪومت جي رليف ڪاميٽين جو حصو بڻجي غريب گهراڻن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ راشن مهيا ڪرڻ ۾ ٻانهن ٻيلي بڻي ۽ احساس ڪيش پروگرام جي رجسٽريشن ۾ مستحق خاندانن جي سهولتڪاري ۽ ڪيش تقسيم ڪرڻ ۾ ضلعي انتظاميه جي مدد ڪئي.
ان ڪري بنا ڪنهن شڪ شُبي جي چئي سگهجي ٿو ته ڪميونٽي ادارن هر سطح تي وبا ڪي منهن ڏيڻ ۾ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو جيڪو ساراهه جوڳو عمل آهي.

### ڪووڊ-19 ايمرجنسي: ڪم جا اهم شعبا ۽ دائرو

سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن پاران ڪرونا وبا کان بچاءَ لاءِ هيٺين اهم شعبن ۾ پنهنجو ڪردار نڀايو.
- عوامي جاڳرتا لاءِ ڪميونٽي جاڳرتا مهمون هلايون.
- تنظيمي بچتن ۽ مقامي سرنديءَ وارن ماڻهن جي مدد ذريعي غريب گهراڻن لاءِ خوراڪ جون ضرورتون پوريون ڪيون.

- فارمرز فيلڊ اسڪول ۽ بزنس ڊولپمينٽ گروپس پاران رليف جو ڪم ڪيو ويو
- سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل رليف ڪاميٽين ۽



## مُک موضوع

وقاقي حڪومت جي احساس ايمرجنسي ڪيش پروگرام ۾ رضاڪاراڻا طور تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون.

- ضلعي انتظاميہ سان نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (اين سي اوسي) جي معاهدي هيٺ ڪرونا وبا بابت سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جون سرگرميون ڪيون.
- ذاتي حفاظت جي سامان جهڙوڪ: صابڻ، ماسڪ ۽ سينيٽائيزرس جي ورهاست ڪئي.
- صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميہ جي قرنطينا مرڪزن جي سنڀال ۾ سهائتا ڪئي.

## ڪرونا وبا ايمرجنسي: اهم اُپاءَ ۽ ڪاميابيون

**1.ڪاڌ خوراڪ جي ورهاست**

17،164 غريب گهراڻن جون ڪاڌي جون ضرورتون پوريون ڪيو ويون، جنهن ۾ 1،072 گهراڻن کي روڪ رقم ۽ 16،092 گهراڻن لاءِ ڪاڌي جو سامان شامل آهن. ڪاڌ خوراڪ جو انتظام ڪميونٽي ادارن پاران پنهنجي ڪيل بچت ۽ مقامي سرنديءَ وارن ماڻهن جي مدد سان ڪئي.

**2. ڪميونٽي جاڳرتا مُهمون**

30،795 ڪميونٽي سطح تي عوامي جاڳرتا مهمون هلايون ويون، جنهن ۾ 1،820 ڪميونٽي رضاڪارن (ڪميونٽي ليڊر ۽ سي آر پيز) ۽ 14،073 ڪميونٽي ادارن ( سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) جو سهڪار حاصل هو.

**3. سماجي فاصلي بابت جاڳرتا**

### فارمر فيلڊ اسڪول جو لاڪ ڊائون دوران ڪرونا وبا خلاف جنگ ۾ ادا ڪيل ڪردار

ڪووڊ-19 ايمرجنسي صورتحال ۾ فارمر فيلڊ اسڪول هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. جڏهن لاڪ ڊائون دوران مارڪيٽ بند ٿيا ۽ روزانو روزگار ڪندڙ مزدور ۽ ڪاروباري خاندان سخت متاثر ٿيا ۽ انهن غريب خاندانن جي خوراڪ جو مسئلو وڏي شدت سان هڪ للڪار جي صورت ۾ سامهون آيو. اهڙي ڳنڀير صورتحال کان فارمرز فيلڊ اسڪول آگاهہ هو، ان ڪري زرعي ڪاروباري فردن غريب خاندان کي سستي ۽ مفت سبزي ڏيڻ جو عزم ڪيو ۽ غريب خاندانن ۾ سبزي ورهائڻ شروع ڪئي. هي 656 ھ فارمرز فيلڊ اسڪول سنڌ جي ٽن ضلعن (لاڙڪاڻو 221، قمبر شهدادڪوٽ 214 ۽ شڪارپور 194) ۾ يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ پنس اِيآر3 پروگرام هيٺ قائم ڪيا ويا آهن. فارمرز فيلڊ اسڪولن پاران سبزين جا ڊيمو پلاٽ قائم ڪيا ويا آهن، تہ جيئن سبزي جي پوکيءَ کي رواج ڏئي غذائيت جي گهٽتائي ۽ آمدنيءَ ۾ اضافو ڪري سگهجي.




ڪووڊ-19 ايمرجنسي لاڪ ڊائون دوران فارمرز فيلڊ اسڪولن ڳوٺ جي غريب ترين گهراڻن کي تازي سبزي مفت ۽ سستي ڏيڻ جو اهم ڪم بهتر نموني نڀايو ۽ انهن جي خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. رپورٽ مطابق مئي 2020 تائين پروگرام وارن ٽن ضلعن ۾ 2،606 غريب گهراڻن (لاڙڪاڻو 1،136 قمبر شهدادڪوٽ 382 ۽ شڪارپور 1،088) سبزيون مهيا ڪيون. ويون.

## مُک موضوع

863 سماجي فاصلي بابت ڪميونٽي ۾ جاڳرتا ۽ روين ۾ تبديلي آڻڻ بابت جاڳرتا سيشن ۽ سرگرميون ڪيون ويون جنهن ۾ 10،647 ڪميونٽي ميمبر شريڪ ٿيا.

**4. ذاتي حفاظت واري سامان جي ورهاست**

21،084 ذاتي حفاظت وارو سامان ڪم جي دائري واري 14 ضلعن جي غريب گهراڻن ۾ ورهايو ويو، جنهن ۾ 15،708 ماسڪس، 3،770 صابڻ ۽ 1،576 سينيٽائيزز شامل هئا.

**5. احساس ايمرجنسي ڪيش پروگرام جي رجسٽريشن**

194،824 گهراڻن کي سرسو جي ڪم جي دائري وارن 14 ضلعن ۾ ڪميونٽي ادارن ۽ سي آر پيز پاران احساس ايمرجنسي ڪيش پروگرام ۾ رجسٽرڊ ڪرڻ واري عمل ۾ مدد ڪئي.

**6. حڪومت جي صحت واري سهولتن ۾ مدد**

3،940 ذاتي حفاظت واروسامان جهڙوڪ: ماسڪس، صابڻ ۽ سينيٽائيزر ۽ ڪاڌ خوراڪ جو سامان حڪومت جي 4 صحت وارين سهولتن ۽ قرنطينا مرڪزن کي مهيا ڪيو ويو.

### سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن پاران ڪرونا وائرس کي روڪڻ لاءِ ورتل اپائن جو تفصيل

**1. ڪرونا وبا سان ويڙهه ۾ غريب گهراڻن ۾ ڪاڌ خوراڪ جي ورهاست**

ڪرونا وبا خاص طور تي سڀ کان پنتي پيل فردن، خاندانن ۽ گُروهن کي وڌيڪ متاثر ڪيو آهي، جيڪي ڪنهن به آفت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪمزور هوندا آهن. قدرتي آفتن ۾ خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ سڀ کان وڏي اهم ۽ بنيادي ضرورت هوندي آهي، ڇو ته سڀ کان پهرين غريب ماڻهن جو روزگار متاثر ٿئي ٿو ۽ ان ڪانسواءِ جياپي جي جنگ نه ٿي وڙهي سگهجي. ان ڪري قدرتي آفتن ۽ ايمرجنسي واري صورتحال ۾ سرڪاري توڙي مدد ڪندڙ ادارن جي پهرين ترجيح غريب گهراڻن جي لاءِ ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ هوندي آهي. سرسو پاران منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن پنهنجي مدد پاڻ تحت مقامي سطح تي خاص طور تي لاڪ ڊائون جي ڪري روزگار ختم ٿي وڃڻ دوران ماڻهن جي مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي آيا ۽ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. سڀ کان پهرين پنهنجي بچت واري رقم مان خوراڪ جو انتظام ڪيو ۽ ٻئي سطح تي پنهنجي چوڌاري سرنديءَ وارن ماڻهن سان رابطاڪاري ڪئي ۽ انهن کي اهڙن گهراڻن جي ڪاڌ خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ مدد جي گهُرَ ڪئي. جڏهن ته اهڙن مستحق گهراڻن جي سنڌ حڪومت پاران خوارڪ واري مدد مهيا ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميه سان رابطاڪاري ڪئي ۽ انهن جي مدد ڀرپور مدد ۽ رهنمائي ڪئي.




سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪرونا ايمرجنسي ردعمل انگن اکرن مطابق جون 30، 2020 تائين ڪميونٽي ادارن سرسو جي ڪم جي پُهچ واري 14 ضلعن ۾ جمع ڪيل بچت ۽

## مُک موضوع



سرنديءِ وارن ماڻهن جي مدد سان 17،163 گهراڻن کي خوراڪ مهيا ڪئي وئي ، جنهن ۾ 1،072 گهراڻن کي روڪ رقم ۽ 16،092 گهراڻن کي راشن شامل آهي.

**2. ڪميونٽي جاڳرتا مُهم : ڪميونٽي ادارن پاران ڪرونا وبا جي خلاف عوامي سجاڳي**

عوامي سطح تي ڪرونا وائرس بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ اهم ذميداري ۽ ضرورت هئي. جڏهن عوام ۾ وائرس بابت معلومات گهٽ هئي، جو تہ ماڻهن ۾ غلط افواهون پکيڙيون ويون هيون ۽ صحيح معلومات نہ پئي پهچائي وئي، ان ڪري عام ماڻهن سان گڏ اڪثر پڙهيا لکيا ماڻهو بہ وائرس کي هڪ حقيقت مڃڻ کان انڪاري رهيا هئا. اهڙيءَ صورتحال ۾ مختلف قسمن جون جاڳرتا سرگرميون شروع ڪيون ويون تہ جيئن هر سطح تي ماڻهن ۾ وائرس بابت حساسيت پيدا ڪري ان جي بچاءُ لاءِ اپاءُ وٺڻ لاءِ تياري ڪري سگهجي. ان مقصد لاءِ ڪميونٽي سطح تي جاڳرتا ويهڪون، هٿ صاف ڪرڻ جون مشقون ، جاڳرتا مواد جي تياري، ڇپائي ۽ ورهاست ڪرڻ ۽ لائوڊ اسپيڪر، ميگافون، پينافليڪس، مسجدن ۾ عوامي اعلانن ذريعي مهمون هلايون ويون.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪرونا ايمرجنسي ردعمل انگن اکرن مطابق جون 30، 2020 تائين ڪميونٽي ادارن پاران سرسو جي ڪم جي پُهچ وارن 14 ضلعن ۾ 30،795 ڪميونٽي سطح تي عوامي جاڳرتا مهمون هلايون ويون، جنهن ۾ 1،820 ڪميونٽي رضاڪارن (ڪميونٽي ليڊر ۽ سي آر پيز) ۽ 14،073 ڪميونٽي ادارن ( سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز)

### ڪرونا وبا خلاف عوامي جاڳرتا مهم

| نمبر | عوامي جاڳرتا مهم | سرگرمين جو تعداد |
|---|---|---|
| 1 | ڪووڊ-19 بابت عوامي جاڳرتا مُهمن ۾ شامل ڪميونٽي رضاڪار (ڪميونٽي ليڊرز ۽ سي آرپيز) جو تعداد | 1،820 |
| 2 | ڪووڊ- 19 بابت عوامي جاڳرتا مُهمن ۾ شامل ڪميونٽي ادارن (سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) جو تعداد | 14,073 |
| 3 | ڪووڊ-19 بابت عوامي جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڇپيل مواد جي ورهاست | 8,535 |
| 4 | ڪووڊ-19 بابت لائوڊ اسپيڪرز ۽ ميگافون ذريعي ڪيل عوامي اعلان | 1,736 |
| 5 | ڪووڊ-19 بابت مسجدن ۾ ڪيل عوامي اعلان | 386 |
| 6 | ڪووڊ-19 بابت ڪميونٽي سطح تي ڪيل جاڳرتا ويهڪن جو تعداد | 4,245 |
| | ڪووڊ-19 بابت عوامي سجاڳي مُهمن جو ڪل تعداد | 30,795 |

## مُک موضوع

حصو ورتو.

**3. سماجي فاصلي بابت جاڳرتا ۽ روين ۾ تبديلي**

ڪرونا وائرس جي روڪ لاءِ عوامي جاڳرتا مهم تحت سماجي فاصلي واري حفاظتي اُپائن جي اهميت جي پيش نظر الڳ مهم طور شامل ڪيو ويو. جاڳرتا مهم تحت جاڳرتا ويهڪون روزاني زندگي جي ڪم دوران جسماني فاصلو رکڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو ۽ عملي مشق واري سرگرمي ذريعي سکيا پڻ ڏني وئي. هن مهم جو بنيادي مقصد عام ماڻهن کي وائرس کان بچاءَ ۽ روين ۾ تبديلي آڻڻ هو ته جيئن هو عام زندگي ۾ سماجي فاصلو اختيار ڪري وائرس کان پاڻ ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي بچائڻ ۽ ان جي روڪٿام ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن. ڪميونٽي ادارن ۽ سرسو ٽيم پاران هر سرگرمي ۾ عملي طور سماجي فاصلي واري اصول کي اپنايو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪميونٽي سطح تي عملي شڪل واضع نموني نظر پڻ آئي.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪرونا ايمرجنسي ردعمل انگن اکرن مطابق جون 30، 2020 تائين ڪميونٽي ادارن ۽ سرسو ٽيمن سرسو جي ڪم جي پُهچ واري 14 ضلعن ۾ ڪل 863 سماجي فاصلي بابت روين ۾ تبديلي بابت ڪميونٽي سيشن ۽ عملي مشقون منعقد ڪيون، جنهن ۾ 10،647 ڪميونٽي ميمبرن شريڪ ٿيا.

### سماجي تحرڪ ۽ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (اين سي او سي) سان معاهدو

جڏهن ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ وڏي پئماني تي سماجي تحرڪ ۽ عوامي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي ته هن وبا خلاف جنگ جي حڪمت عملي جوڙڻ، رابطاڪاري، صورتحال جي جائزي ۽ نگراني واري اداري نيشنل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر (اين سي او سي) پاران رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ کي شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان مقصد لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ جي 10 ضلعن جي انتظاميه سان ياداشت نامه (ايم او يو) صحيح ڪيا. ان ياداشت نامي مطابق سرسو سماجي تحرڪ ۽ عوامي جاڳرتا مهم شروع ڪندي ۽ ان لاءِ ضلعي انتظاميه ۽ لاڳاپيل ادارا ضروري مدد ۽ رهنمائي مهيا ڪندا. هي ياداشت نامو قمبر-شهدادڪوٽ، لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد، ڪشمور-ڪنڌڪوٽ، خيرپور، سانگهڙ، ميرپورخاص، عمر ڪوٽ ، بدين ۽ ٺٽو ضلعن جي انتظاميه سان مئي مهيني ۾ ڪيا ويا. انهن معاهدن کان پوءِ ابتدائي طور ضلعي جي صحت کاتي پاران ڪميونٽي ادارن جي نمائندن کي ڪووڊ 19 بابت تربيت ڪرائي ويئي ۽ ڇپيل جاڳرتا مواد مهيا پڻ ڪيو. ان کان پوءِ ڪميونٽي ادارن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳوٺاڻي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي سجاڳي سيشن منعقد ڪيا، جاڳرتا مواد تقسيم ڪيو ۽ اهم جڳهن تي پڻ لڳرايو ويو.




اين سي او سي ۽ ضلعي انتظاميه پاران وبا خلاف ڪميونٽي ادارن جي ڪردار جي مڃتا ۽ ساراهه هڪ اهم قدم هو. ۽ ڪميونٽي ادارن جي ايمرجنسيءَ واري صورتحال ۾ سهڪار ۽ ڪردار کي ملڪي سطح تي ساراهيو ويو ۽ عملي طور شامل ڪيو ويو.

## مُک موضوع

### 4. ذاتي حفاظت جي سامان جي ورهاست ذريعي ڪرونا وبا جي روڪ




اڳوات احتياطي سامان يا ذاتي حفاظت وارن اوزارن ذريعي ڪرونا وبا جي روڪ موثر طريقي سان ڪري سگهجي ٿي. ان ڳالهه جي اهميت بابت ڪميونٽي ادارا چڱيءَ طرح آگاهه ٿيل هئا. ان ڪري جڏهن وبا خلاف ڪم شروع ڪيو ته غريب گهراڻن جي کاڌ خوراڪ جي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ عوامي جاڳرتا پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ اڳوات ضروري احتياطي اُپاءُ اختيار ڪرڻ ۾ ذاتي حفاظت لاءِ ضروري سامان جي فراهمي وارو ڪم به شروع ڪيو ويو. ڪميونٽي ادارن ۾ مختلف پروگرامڻ ۾ جوڙيل ڪاروباري گروپ (بي ڊي جيز) ان مقصد لاءِ پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجا مقامي وسيلا متحرڪ ڪيا، تنظيم جي پيل بچت، چندي، مقامي حڪومتي ادارن ۾ سرنديءَ وارن ماڻهن جي سهڪار سان مقامي آبادي، ميمبرن ۾ فائدو حاصل ڪندڙ خاندانن ۾ حفاظتي سامان ورهايو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ڪرونا ايمرجنسي ردعمل ۾ انگن اکرن مطابق جون 30، 2020 تائين ڪميونٽي ادارن ۾ بي ڊي جيز سرسو جي ڪم جي پُهچ واري 14 ضلعن ۾ ڪل 21،084 ذاتي حفاظتي سامان

| نمبر | ماسڪس جي ورهاست | فائدو حاصل ڪندڙن جو تعداد |
|---|---|---|
| 1 | ڪاروباري گروپ ۾ ولیج آرگنائيزيشن پاران ورهايل ماسڪ جو تعداد | 6,070 |
| 2 | سرسو پاران ڪميونٽي ۾ ورهايل ماسڪ جو تعداد | 9,668 |
| | ڪل ورهايل ماسڪ جو تعداد | 15,738 |
| نمبر | صابڻ جي ورهاست | فائدو حاصل ڪندڙن جو تعداد |
| 1 | ڪميونٽي ادارن جي ڪيل بچت مان ورهايل صابڻن جو تعداد | 247 |
| 2 | مقامي سرندي وارن ماڻهن جي سهڪار سان ورهايل صابڻ جو تعداد | 150 |
| 3 | حڪومت جي ادارن جي سهڪار سان ورهايل صابڻ جو تعداد | 3373 |
| | ڪل ورهايل صابڻن جو تعداد | 3770 |
| نمبر | سينيٽائيزرس جي ورهاست | فائدو حاصل ڪندڙن جو تعداد |
| 1 | ڪميونٽي ادارن جي ڪيل بچت مان ورهايل سينيٽائيزرس جو تعداد | 60 |
| 2 | مقامي سرندي وارن جي سهڪار سان ورهايل سينيٽائيزرس جو تعداد | 196 |
| 3 | حڪومت جي ادارن جي سهڪار سان ورهايل سينيٽائيزرس جو تعداد | 1320 |
| | ڪل ورهايل سينيٽائيزرس جو تعداد | 1576 |
| | ڪل ورهايل حفاظتي سامان جو تعداد | 21،084 |

## مُک موضوع

ورهايو ويو، جنهن ۾ 15،708 ماسڪس 3،770 صابڻ ۽ 1،576 سينيٽائيزر شامل آهن.

**5. احساس ايمرجنسي ڪيش پروگرام جي رجسٽريشن ۾ غريب گهراڻن لاءِ سهُولتڪاري**

مقامي آبادين جي ترقي جي عمل واري شرڪت ۽ لاڳاپيل سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان رابطاڪاري ۾ سهولتڪاري مهيا ڪرڻ ڪميونٽي ادارن جو اهم ڪردار آهي. ان ڪري ڪرونا وبا سبب متاثر ٿيندڙ غريب گهراڻن جي مالي مدد ۾ سهائتا ڪرڻ لاءِ وفاقي حڪومت احساس ايمرجنسي ڪيش پروگرام جو آغاز ڪيو ته ڪميونٽي ادارن پنهنجي سطح تي ماڻهن ۾ پروگرام بابت معلومات مهيا ڪرڻ سان گڏوگڏ

### ڪاروباري گروپ (بي ڊي جيز) جو ڪووڊ - 19 ايمرجنسي ۾ ڪيل رليف واروڪم

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران 6 ضلعن ۾ سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) تحت مختلف ڪاروبارن جي واڌاري لاءِ گڏيل ڪاروباري گروپ (بزنس ڊولپمينٽ گروپ) پڻ جوڙيا ويا آهن. خيرپور ضلعي ۾ خاص طور تي ڪوڊ 19 ايمرجنسي صورتحال دوران ڪجهه گروپن هڪ ڪميونٽي اداري طور ادا ڪيل رليف جو مختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

- 5 ميمبرن تي مشتمل ٻڪرين پالڻ واري گڏيل ڪاروباري گروپ ڳوٺ بچل شاهه يوسي ميرڪ تعلقو سوڀو ديرو جون 4، 2020 تي ڳوٺ جي 12 غريب گهراڻن ۾ راشن جو سامان تقسيم ڪيو ته جيئن اهي ٻه لاڪ ڊائون سبب خوراڪ جي ضرورت پوري ڪري سگهن.

2. ڳوناٽي تنظيم واڪاڻ، ڳوٺ غلام رسول راڄپر يو سي فتح پور تعلقو ڪوٽڏجي ۾ اپريل 3، 2020 تي ڳوٺ جي 32 غريب خاندانن ۾ تازيون سبزيون ورهايو جيڪي ٽنل فارمنگ ذريعي پوکيون ويون هيون.

3. ڪٽڪ جي گڏيل ڪاروباري گروپ بودلو مهيسر يوسي صدر جي پٽيون تعلقو ڪنگري ۾ جون 4، 2020 تي ڳوٺ جي 10 غريب ترين گهراڻن ۾ ڪرونا وبا کان بچاءَ لاءِ سينيٽائيزر، صابڻ ۽ ماسڪ تقسيم ڪيا ويا.

4. رڪشا - ڪاروباري گروپ ڳوٺ جي ماڻهن جي روزانه استعمال جو سامان ۽ خوراڪ آڻڻ ۽سواري ۾ سماجي فاصلي کي برقرار رکڻ واري اصول واري خدمت ڪئي ۽ لائوڊ اسپيڪر ۽ بينرن ذريعي عوامي جاڳرتا مهم لاءِ ڪتب آندو.

5. اٽي مشين - ڪاروباري گروپ "ڪامياب" ڳوٺ ڪيهر خان شر يوسي نورپور، تعلقه ڪنگري لاڪ ڊائون دوران ڳوٺ جي گهراڻن کي 20 سيڪڙو رعايتي پيسائي، فون تي آرڊر وٺڻ ۽ گهر تائين مفت رسائيءَ جون سهولتون ۽ خدمتون مهيا ڪيون. گروپ 20 غريب گهراڻن کي مفت اٽي پيسائيءَ جي خدمت پڻ مهيا ڪئي.





## مُک موضوع



رجسٽريشن جي عمل ۾ سهولتڪاري وارو ڪم پڻ ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ 194،863 خاندانن کي رجسٽرڊ ڪيو ويو. ان عمل ۾ سرسو جي ڪم ڪرڻ وارن 14 ضلعن جي 495 يونين ڪائونسلن ۾ 4،617 ڪميونٽي ادارن حصو ورتو، جنهن ۾ 4،132 وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) ۽ 485 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) شامل آهن.

جڏهن رجسٽرڊ مستحق خاندانن ۾ ڪيش ورهائڻ جو سلسلو شروع ٿيو ته ضلعي انتظاميه مختلف هنڌن تي ڪيش ڊسٽريبيوشن مرڪز قائم ڪيا ته ضلعي انتظاميه جي درخواست تي ڪميونٽي ادارن کي مرڪزن تي ڪرونا جي منظور ڪيل معيارن تي عمل ڪرڻ واري ضابطن (ايس او پيز) کي يقيني بڻائڻ، سماجي فاصلي کي برقرار رکڻ، صفائيءَ جو بندو بست ڪرڻ ۽ وبا بابت جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ذميداري ڏني وئي ۽ جيڪا انهن ڀرپور طريقي سان نڀائي پڻ ڏيکاري.

6. **حڪومت سنڌ جي ڪرونا وبا خلاف جنگ ۾ صحت واري سهولتن ۾ مدد مهيا ڪرڻ**

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ جتي ڪميونٽي ادارن ۽ مقامي آبادين جي مدد ڪئي آهي، اُتي حڪومت جي ڪوشش ۾ به ٻانهن ٻيلي بڻي. پوءِ چاهي رليف ڪاميٽي ذريعي ضرورتمندن ۾ خوراڪ پهچائڻ هجي، يا احساس ايمرجنسي ڪيش ڊسٽريبيوشن مرڪزن جي انتظام ۾ سهڪار گهربل هجي، سرسو ۽ ڪميونٽي ادارا اڳيرا رهيا. اهڙيءَ طرح سنڌ حڪومت مختلف شهرن ۾ ڪرونا جي مريضن جي بهتر سنڀال لاءِ قرنطينا مرڪز قائم ڪيا ته سرسو هڪ اداري طور صحت جي سهولتن کي بهتر ادا ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ گهوٽڪي ۾ قائم مرڪزن ۾ سهڪار ڪيو. جنهن ۾ 3،940 ذاتي حفاظت



### سنڌ حڪومت پاران جوڙيل ايمرجنسي رليف ڪاميٽين ۾ ڪميونٽي ادارن جي شرڪت

سنڌ حڪومت پاران ڪرونا وبا جي ڪري متاثر ٿيندڙ غريب خاندانن جي خوراڪ جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي حوالي سان رليف ڪاميٽيون جوڙيون. هن مقصد لاءِ حڪومت پاران هڪ نوٽيفيڪشن پڻ جاري ڪيو ويو جنهن تحت يوسي، تعلقي ۽ ضلعي سطح تي ڪاميٽيون جوڙيون ويون ۽ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي ڪميونٽي ادارن (سِي اوز، وِي اوز۽ ايل ايس اوز) ۽ ڪميونٽي ريسورس پرسنس (سي آر پيز) کي ميمبر طور شامل ڪيو ويو. رليف ڪاميٽين ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي سربراهي ۽ نگراني ۾ راشن ورهائڻ جو ڪم ڪيو ويو. رليف ڪاميٽين ۾ 348 ڪميونٽي ادارن کي شامل ڪيو ويو، جن 459 يونين ڪائونسلن، 64 تعلقن ۽ 14 ضلعن ۾ انتظاميه سان گڏجي ڏکي وقت ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. وبا دوران حڪومتي سطح تي ڪميونٽي ادارن جي ڪم ۽ ڪردار کي تسليم ڪيو ويو، جيڪا انهن ادارن جي سڀ کان وڏي ڪاميابي ۽ تعريف آهي.

سرسو عمل ۾

# ڇهن مهينن دوران ڪيل اهم سرگرميون (جنوري کان جون 2020)

## يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ متحرڪ ڪارڪنن جو ورڪشاپ

*قمبر- شهدادڪوٽ، جنوري 20، 2020*

لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”سُمبل“ يونين ڪائونسل بگو ڏڙو تعلقو قبو سعيد خان ۾ متحرڪ ڪارڪنن جو ورڪشاپ ڳوٺ سنجر خان جمالي ۾ منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن جي سرگرم عورت ڪارڪنن، صحت کاتي، لوڪل گورنمينٽ، ڊبليو ايچ او، يونيسيف ۽ سول سوسائٽي جي تنظيمي نمائندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ جو خاص مهمان محترم اصغر خان (چيئرمين ٽائون ڪاميٽي قبو سعيد خان) هو. هي ورڪشاپ يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ قائم ڪيل ڪميونٽي ادارن جو ٻين سرڪاري، غير سرڪاري ادارن ۽ مقامي چونڊيل نمائندن سان رابطاڪاري بهتر ڪرڻ جي مقصد سان منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ ايل ايس او اڳواڻن پنهنجين سرگرمين ۽ يونين ڪائونسل جي اهم ترقياتي ڪمن ۽ مسئلن بابت آگاهي ڏني. شريڪ ادارن جي نمائندن پڻ پنهنجي اداري جي ڪمن بابت ٻڌايو ۽ پيش ڪيل مسئلن جي حل لاءِ تجويزون ڏنيون. انهيءَ موقعي تي محترم اصغر خان پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ” ڪميونٽي ادارا سڪسيس پروگرام تحت ساراهه جوڳو ڪم ڪري رهيا آهن. منهنجي اها ڪوشش هوندي آهي ته نيڪ ڪم ۾ دير نه ٿئي، منهنجو ساٿ توهان تنظيمي عورتن سان رهندو، جتي به ڪا مشڪل يا مسئلو توهان کي درپيش اچي ته مون کان جيترو ممڪن ٿي سگهيو مدد ڪندس.“ توهان عورتن کي جُس هجي جو ٻهراڙي ۾ رهندي به پاڻ جهڙين غريب عورتن جو خيال رکو ٿيون ۽ مان جُس ڏيان ٿو سرسو ۽ سڪسيس پروگرام جي ٽيم کي جن اسان جي يونين ڪائونسل ۾ تنظيمون جوڙي ترقي ۽ تبديلي لاءِ بهتر ڪم ڪيا آهن، مون کي اميد آهي ته اڳتي به اهو سلسلو جاري رهندو ۽ اسين توهان سان گڏ آهيون.“



## يورپين يونين پاران (GRASP) جينڊر وفد جي سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام تحت قائم بزنس ڊولپمينٽ گروپس جو دورو

*خيرپور، جنوري 23، 2020*

يورپين يونين (GRASP) جينڊر جو هڪ وفد سرسو - سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام هيٺ خيرپور ضلعي ۾ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس (بي ڊي جيز) جو جنوري 23، 2020 تي دورو ڪيو.دوري جو مقصد پي پي آر پي (PPRP) تحت جوڙيل گڏيل ڪاروباري گروپن پاران شروع ڪيل ڪاروبارن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ هو. وفد خيرپور ضلعي

## سرسو عمل ۾

جي ڳوٺ ٽنڊو ڦلائي ميتلا يو سي منگهن واري ۾ ڳوٺ عيدن ٽنيو ۾ ٻڪرين ۽ ڪارڪن جي ڪاروبارن جو جائزو ورتو. آخر ۾گروپن سان گڏيل ڪاروبارن جي تجربي بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. گڏجاڻي ۾ ڪاروبارن جي حڪمت عملي، مسئلن، فائدن، پائداري ۽ مستقبل جي منصوبي تي به بحث مباحثو ڪيو ويو.



### رورل سپورٽ پرگرامس جينڊر ريسورس گروپ جي گڏجاڻي

*سرسو ڪامپليڪس سکر، فيبروري 18، 2020*

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي ميزباني هيٺ رورل سپورٽ پرگرامس_جينڊر ريسورس گروپ جي گڏجاڻي سرسو هيڊ آفيس سکر ۾ فيبروري 18، 2020 تي ٿي گذري. گڏجاڻي ۾ پاڪستان جي رورل سپورٽ



### عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ وڏائڻ جي معاهدي تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب

*ڪراچي، جنوري 28، 2020*

سنڌ حڪومت جي پلاننگ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۽ سرسو وچ ۾ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) سنڌ جي وڌيڪ ٻن ضلعن سکر ۽ گهوٽڪي ۾ وڌائڻ جي معاهدي تي صحيحون ڪرڻ جي تقريب جنوري 28، 2020 ڪراچي ۾ ٿي گذري. هن معاهدي ڪانپوءِ پروگرام سنڌ جي 8 ضلعن جي ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙ غريب عورتن ۽ خاندانن جي زندگين ۾ خوشحالي، سجاڳي ۽ روزگار جا بهتر موقعا مهيا ڪرڻ جي مقصد سان ڪم ڪيو ويندو. تقريب ۾ سرسو جو چيئرمين محترم شعيب سلطان خان، چيئرمين پي اينڊ ڊي ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ محترم محمد وسيم، محترمہ شيرين ناريجو، پي پي آر پي پروگرام جي ڪوآرڊينٽر محترمہ عفت ملڪ، بورڊ ميمبر، سرسو جو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، پي پي آر پي پروگرام جو ٽيم ليڊر محترم غلام رسول سميجو ۽ ٻين سرڪاري نمائندن شرڪت ڪئي.



## سرسو عمل ۾

پروگرامس جي جينڊر گروپ جي نمائندن سان گڏ سرسو بورڊ ميمبر محترم آذر اياز ۽ چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو جن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي جو مکيہ مقصد عورتن جي تحرڪ، هيٺين سطح تي عورتن جي اڳواڻي ۾ ڪميونٽي ادارن جي قيام ۽ انهن جي ڀرپور ترقي ۾ ڪردار ۽ اهميت تي بحث مباحثو ڪرڻ هو.

### بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام جي وفد جو سڪسيس پروگرام جو تجرباتي دورو

*لاڙڪاڻو ۽ قمبر شهدادڪوٽ فيبروري 19 ۽ 20، 2020*

بلوچستان رورل سپورٽ پروگرام (بي آر ايس پي) جي وفد جو سرسو پاران يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام جو فيبروري 19 ۽ 20، 2020 تي تجرباتي سکيا جو دورو ڪيو ويو. دوري جو خاص

### ستون سَرتُيون سنگ ڪرافٽس نُمائش 2020
### اوشن مال ڪراچي، جنوري 10 کان 12، 2020



سرتيون سنگ ڪرافٽس ڀهراڙِيءَ جي هنرمند عورتن جي روايتي هنرن جي فروغ جي حوالي سان ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو، جيڪي هنرمند سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جي سهڪار سان سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. انهن هنرن ۾ خاص طور تي ٽُڪ ۽ ذري جو ڪم خاص طورتي ڪمال جو ڪيو وڃي ٿو.انهن جي هنر جي واڌاري، مڃتا ۽ وڪري لاءِ باقاعدگي سان نمائشون منعقد ڪيون وڃن ٿيون. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان ستون ”سرتيون سنگ ڪرافٽس نمائش“ ڪراچي جي اوشن مال ۾ جنوري 10 کان 12 تائين منعقد ڪئي وئي . محترم ناصر حسين شاهہ صوبائي وزير مقامي حڪومت، ٻيلو ۽ مذهبي معاملاجن نمائش جو افتتاح ڪيو. افتتاح جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهہ صاحب ڀهراڙيءَ جي عورتن جي هٿ هنرن ۽ فن جي تعريف ڪئي ۽ سرسو پاران اهڙين عورتن جي هنرن جي واڌاري لاءِ ورتل ڪوشش تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو.
ان موقعي تي محمد ڏتل ڪلهوڙو سِي اِي او سرسو ڳالهائيندي چيو تہ ”هن وقت سرسو 15000 کان وڌيڪ هنر مند عورتن سان ڪم ڪري ٿي، جن جو تعلق جيڪب آباد، شڪارپور، ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ، گهوٽڪي، سکر ۽ خيرپور ضلعن جي ڀهراڙِي وارن علائقن سان آهي. ان جو مکيہ مقصد هنر مند عورتن جي مارڪيٽ سان سڌو سنون رابطاڪاري ڪرائڻ ۽ انهن جي هنرن جي فروغ ۽ وڪري ذريعي آمدني ۾ اضافو آڻڻ آهي.“ ٽن ڏينهن تائين هلندڙ هن نمائش ۾ زندگي جي هر شعبي سان واسطو رکندڙ فردن، عورتن، مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جي نمائندن وزٽ ڪيو ۽ نمائش کي ميڊيا پڻ بهتر نموني جڳهہ ڏني.

## سرسو عمل ۾



مقصد سڪسيس پروگرام هيٺ هلندڙ سرگرميون ڏسڻ هو ته جيئن ان مان ڄاڻ حاصل ڪري بلوچستان جي ڳوٺاڻي ترقي لاءِ ڪم آڻي سگهجي.

وفد لاڑڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ شفيق ڪلهوڙو ۾ وليج آرگنائيزيشن جي گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. ڳوٺاڻي تنظيم جي عورت اڳواڻن وفد کي تنظيم جي ڪم ڪار بابت آگاهي ڏني. وفد ڳوٺ ۾ فارمر فيلڊ اسڪول هيٺ سبزين جو ڊيمو پلاٽ ڏٺو، جيڪو سولر موٽر تي آباد ڪيو پيو وڃي. وفد تنظيم جي بچت مان شروع ڪيل دڪان پڻ وزٽ ڪيو. ٻئي ڏينهن وفد ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جو دورو ڪيو ۽ شهدادڪوٽ يونٽ ۾ گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي. بعد ۾ وفد ايل ايس او اعتماد يو.سي هزار واهه تعلقو قبو سعيد خان ۾ منعقد هڪ ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪميونٽي ادارن جي متحرڪ ڪارڪنن ۽ سڪسيس پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن جي خيالن ۽ تجربن بابت معلومات حاصل ڪئي.

### وڏي عمر جي ماڻهن جي حقن بابت ورڪشاپ

*ڪراچي، فيبروري 20، 2020*

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران هيلپ ايج انٽرنيشنل جي سهڪار سان وڏي عمر جي فردن جي حقن جي واڌاري واري منصوبي تحت سنڌ سينيئر سٽيزن ويلفيئر ايڪٽ 2014 جي جلد عمل ۾ آڻڻ جي عنوان سان تجربن جي تبادلي بابت هڪ ورڪشاپ ڪراچي ۾ فيبروري 20، 2020 تي منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ جو مکيه مقصد اولڊر پيپلز ايسوسيئيشن ۽ سماجي ڀلائيءَ واري کاتي کي پليٽفارم مهيا ڪرڻ هو ته جيئن اِهي هڪ هنڌ ويهي وڏي عمر وارن فردن جي حقن، مسئلن ۽ ڀلائي تي ڳالهه ٻولهه ڪري سگهن ۽ 2014 واري ايڪٽ جي عمل ۾ آڻڻ جو جائزو وٺن. ورڪشاپ ۾ سنڌ حڪومت جي سماجي ڀلائي واري کاتي جي سيڪريٽري محترم ڊاڪٽر محمد نواز شيخ، ايڊيشنل سيڪريٽري محترم ابوبڪر مدني، ڊائريڪٽر جنرل محترم نثاراحمد سولنگي، اڳوڻو ڊي جي محترمه سيما عارف، محترم امداد چنو ڊائريڪٽر پي اينڊ سي ۽ فوڪل پرسن سينيئر سٽيزن، محترم عبدالحميد شيخ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ ڪراچي جي ضلعن جي ڊپٽي ڊائريڪٽرز شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ ڪراچي جي ڇهن ضلعن ۾ جوڙيل اولڊر پيپلز ايسوسيئيشنس (او پي اوز) جي نمائندي پڻ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ تفصيل سان بزرگ شهرين جي مسئلن ۽ آئندي جي گڏيل لائحه عمل تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، خاص طور تي سنڌ حڪومت پاران جوڙيل 2014 واري ايڪٽ تحت حاصل حقن تي عمل ڪرائڻ تي غور ڪيو ويو.



## سرسو عمل ۾

### پنزاِي آر-III منصوبي هيٺ ڊي سي سي اين - قمبر شهدادڪوٽ جي گڏجاڻي

*قمبر - شهدادڪوٽ فيبروري 28، 2020*

يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ پنز پروگرام هيٺ ڊي سي سي اين ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ جي گڏجاڻي ڊي سي آفيس قمبر ۾ فيبروري 28، 2020 تي ٿي گذري.



گڏجاڻي جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر محترم جاويد علي جاگيراڻي جن ڪئي، جڏهن ته لاڳاپيل ڌرين جهڙوڪ: سرسو، آر ايس پي اين، ايس اي ايف، پي پي ايڇ آءِ ۽ آءِ ايڇ ايس جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي دوران ضلعي ۾ پنز پروگرام جي حوالي سان سرگرمين جو جائزو ورتو ويو ۽ هرهڪ لاڳاپيل اداري پنهنجي ڪردار بابت ڄاڻ ڏني. گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر ذيشان پروجيڪٽ ڊائريڪٽر پنس پڻ شرڪت ڪئي. ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ خاص طور تي سرسو، آر ايس پي اين ۽ يورپين يونين جي ڪم جي ساراهه ڪئي ۽ اميد ڏيکاري ته سيني جي گڏيل ڪوشش سان ئي غذائيت جي گهٽتائي واري مسئلي کي منهن ڏئي سگهجي ٿو.

### مشهور معاشي ماهر ڊاڪٽر قيصر بنگالي جو پي پي آر پي پروگرام تحت شروع ڪيل ڪمن جو دورو

*ميرپور خاص فيبروري 27، 2020*



ملڪ جي مشهور معاشي ماهر ۽ وزير اعليٰ سنڌ جي سابق صلاحڪار ڊاڪٽر قيصر بنگالي ۽ يورپين يونين جي سڪسيس پروگرام جي ٽيڪنيڪل اسسٽنس ٽيم سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام تحت ضلعي ميرپورخاص ۾ هلندڙ سرگرمين جو فيبروري 27، 2020 تي دورو ڪيو. وفد کي سرسو آفيس ۾ پليڪار ڪيو ويو ۽ پروگرام تحت کنيل قدمن بابت آگاهي ڏني وئي. وفد ميرواهه ۾ بزنس ڊولپمينٽ گروپ پاران گڏيل ڪاروبار طور قائم ڪيل نرسري ڏٺي ۽ مکڻ سمون ۾ انتظامي ڪارڪنن جي ڪانفرنس ۾ مختلف بزنس ڊولپمينٽ گروپس پاران لڳايل ڪاروباري اسٽال وزٽ ڪيا ۽ گڏيل ڪاروبار ڪندڙ عورتن کان معلومات ورتي. پي پي آر پي پروگرام تحت تعمير ٿيل گهٽ قيمت وارا گهر ڏٺا ۽ گهر حاصل ڪندڙ عورتن جا ويچار ٻڌا. ڊاڪٽر قيصر بنگالي حڪومت سنڌ جي هلندڙ پروگرام تحت غريب گهراڻن جي معاشي ۽ سماجي بهتري لاءِ شروع ڪيل منصوبن جي تعريف ڪئي. دوري دوران پي پي آر پي جي ٽيم ۽ پروگرام جو

## سرسو عمل ۾




### مقامي چونڊيل نمائندن سان وڏي عمر جي ماڻهن جي حقن بابت ورڪشاپ

*جيڪب آباد، فيبروري 29، 2020*

سرسو پاران هيلپ ايج انٽرنيشنل جي سهڪار سان هلندڙ ”بزرگن جي حقن جي واڌاري واري منصوبي“ تحت ضلعي جيڪب آباد جي مقامي ادارن جي چونڊيل نمائندن سان هڪ ڏينهن جو ورڪشاپ فيبروري 29، 2020 تي منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ يوسي چيئرمين، وائيس چيئرمين، ضلعي ڪائونسل ميمبر ۽ يو سي سيڪريٽري جن شرڪت ڪئي. جڏهن ته هيلپ ايج انٽرنيشنل اسلام آباد جي وفد پڻ خاص طور تي شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ وڏي عمر جي فردن جي مسئلن، بنيادي حقن ۽ قانونن تي ڳالھ ٻولھ ڪئي وئي، خاص طور تي مقامي ادارن جي سطح تي پيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن جي ڪردار تي تفصيل سان ڳالھايو ويو. ان موقعي تي سامهون ايندڙ مسئلن جي حل بابت چونڊيل نمائندن ۽ چيف منسٽر جي صلاحڪار سان ڳالھائڻ ۽ مقامي ادارن جي سطح تي وڏي عمر جي فردن جي مسئلن کي ترجيح ڏيڻ بابت طئي ڪيو ويو. هيلپ ايج انٽرنيشنل جي نمائندن پڻ مقامي ۽ صوبائي سطح تي بزرگ شهرين جي حقن تي گڏيل آواز اٿارڻ تي زور ڏنو.

### پي پي آر پي تحت سکر ۽ گھوٽڪي ۾ شروع ڪيل سروي بابت هڪ ڏينهن جو ورڪشاپ ۽ پروگرام

### مئنيجر پي پي آر پي سنڌ حڪومت جي شرڪت

*سکر، فيبروري 25، 2020*

مانيٽرنگ، ايويليشن اينڊ ريسرچ يونٽ _سرسو پاران پاورٽي اسڪور ڪارڊ (سروي) تي هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ فيبروري 8، 2020 تي سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ سنڌ حڪومت پاران عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام ۾ شامل ڪيل ٻن نونِ ضلعن سکر ۽ گھوٽڪي ۾ سروي ڪندڙن لاءِ رکيو ويو هو. ورڪشاپ ۾ پي پي آر پي سنڌ حڪومت جي پروگرام ڪوآرڊينيٽر محترمہ عفت ملڪ پڻ شرڪت ڪئي ۽ هلندڙ تربيت جو جائزو ورتو ۽ پروگرام ۾ سروي جي اهميت تي ڳالھ ٻولھ ڪئي. وزٽ دوران



مهمان سان گڏ سرسو- چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو، پي پي آر پي سرسو - ٽيم ليڊر محترم غلام رسول سميجو ۽ ايم اِي آر يونٽ جي سينيئر مئنيجر محترم نويد اسحاق جن پڻ گڏ هئا.

## سرسو عمل ۾

### لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايمان پاران عورتن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

*قمبر شهدادڪوٽ، مارچ 11، 2020*

عورتن جي عالمي ڏينهن ملهائڻ جي مقصد سان لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ايمان يونين ڪائونسل ڏامراهه تعلقي نصير آباد ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ پاران ڳوٺ جميل آباد ۾ سرگرم ڪارڪنن جو ورڪشاپ مارچ 11، 2020 تي منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ 200 کان وڌيڪ ڪميونٽي ادارن جي عورت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ محترم جاويد علي جاگيراڻي ڊپٽي ڪمشنر قمبر_شهدادڪوٽ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. جڏهن تي مختيار احمد (تعلقه ايجوڪيشن آفيسر)، محترمه شمع پروين (ڊي ڊي او وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ)، محترم سعيد تنيو (ڊپٽي ڊائريڪٽر زراعت) ۽ محترم جمال مصطفيٰ شورو (ريجنل مئنيجر سرسو) جن پڻ پروگرام ۾ خاص طور تي شرڪت ڪئي. عورت ڪارڪنن علائقي ۽ عورتن جي اهم مسئلن تي تفصيل سان ڳالهايو. جڏهن ته جمال مصطفيٰ عورتن جي عالمي ڏينهن جي اهميت ۽ عورتن جي اهم حقن تي روشني وڌي ۽ سرسو جي ڪارڪردگيءَ بابت مهمانن کي ڄاڻ ڏني. ان موقعي تي جاويد علي جاگيراڻي ميڙاڪي کي مخاطب ٿيندي چيو ته ” دنيا جو هر مذهب عورتن جي احترام جي تلقين ڪري ٿو. پاڪستان جو آئين پڻ عورتن جي سيني بنيادي حقن جو تحفظ ڪري ٿو. انهيءَ حوالي سان سنڌ حڪومت عورتن جي حقن جي تحفظ لاءِ مختلف قانون جوڙيا آهن ۽ انهن جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ بيشمار پروگرام پڻ شروع ڪيا ويا آهن.“ هن وڌيڪ چيو ته ”ٻهراڙيءَ جي عورتن ۾ به بيمثال صلاحيتون موجود آهن، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن کي موقعو ڏنو وڃي ۽ انهن کي سگهارو ڪيو وڃي. اهي سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿيون. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عورتن جي تعليم تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.“ ڊي سي صاحب عورتن کي ضلعي انتظاميه پاران ڀرپور سهڪار جاري رکڻ جو يقين ڏياريو ۽ هن يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام جي تعريف ڪئي. ان موقعي تي ڳوٺاڻي تنظيم پاران سيڪسيس پروگرام تحت ناهيل گهٽيءَ جي تعمير واري اسڪيم جو افتتاح ڪيو ۽ ڪيس ويجهي بند پيل اسڪول جي وزٽ پڻ ڪرائي وئي. پاڻ واعدو ڪيو ته جلد هن اسڪول کي شروع ڪيو ويندو.





## سرسو عمل ۾

### يوايس ايڊ جي ايجوڪيشن پروجيڪٽ تحت ٻارن جي تحفظ ۽ صنفي برابري بابت ٽن ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ



*خيرپور ۽ سکر، فيبروري ۽ مارچ*

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران ٻن-ٽن ڏينهن جا تربيتي ورڪشاپ ”ٻارن جي تحفظ ۽ صنفي برابري“ جي عنوان سان منعقد ڪيا ويا. هي ورڪشاپ يوايس ايڊ جي ايجوڪيشن منصوبي تحت هلندڙ اِي ايم او حب اسڪولن جي اسٽاف لاءِ خيرپور ۾ فيبروري 24، 25 ۽ 26 ۽ سکر ۾ مارچ 4، 5 ۽ 6، 2020 تي منعقد ڪيا ويا. تربيتي ورڪشاپ ۾ ٻارن جي تحفظ جي مختلف شڪلين جهڙوڪ: جسماني، جنسي ، جذباتي زيادتي ۽ نظر انداز ڪرڻ ۽ جڏهن ته صنفي برابري ۾ صنف ۽ برابري جي تصور ۽ امتيازي سلوڪ جي شڪلين تي ڳالهه ٻولهه ۽ عملي مشقن جي ذريعي تربيت ڪرائي ويئي. تربيتي ورڪشاپن ۾ ٻنهي اسڪولن جي 50 اسٽاف ميمبرن شرڪت ڪئي. آخر ۾ ٻنهي اسڪولن ۾ ٻارن جي تحفظ بابت ڪاميٽيون پڻ ٺاهيون ويون. هر ڪاميٽي ۾ گورنمينٽ استادن ۽ سرسو اسٽاف کي شامل ڪيو ويو آهي. ڪاميٽي اسڪول ۾ ٻارن جي بنيادي حقن ۽ تحفظ کي يقيني بڻائيندي مسئلن جي نشاندهي ڪندي ۽ حل ڪندي.

### پي پي آر پي- سنڌ حڪومت تحت انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس ۾ ڊپٽي ڪمشنر بدين جي شرڪت



*بدين، مارچ 11، 2020*

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) بدين پاران سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جور پروگرام تحت انتظامي ڪارڪن ڪانفرنس ڳوٺ پير محمد صادق يو سي لنواري شريف ۾ مارچ 11، 2020 تي منعقد ڪئي وئي. ڪانفرنس جو خاص مهمان ڊاڪٽر حفيظ احمد دايو ڊپٽي ڪمشنر بدين هو. جڏهن ته ڪانفرنس ۾ مختلف 92 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس ۽ 17 وليج آرگنائيزيشنس جي منظم ڪيل 934 عورت ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن پنهنجا ويچار ونڊيا. ڪانفرنس ۾خطاب ڪندي ڊي سي بدين چيو ته ”غربت جي خاتمي لاءِ سرسو جو سنڌ حڪومت سان گڏجي ڪوششون ساراهه لائق آهن، هيٺين سطح تي ادارن جي قيام ۽ عورتن جي ڀرپور شرڪت هڪ وڏي ڪاميابي آهي.“ ڊاڪٽر حفيظ صاحب وڌيڪ چيو ته ”آئون پنهنجي آفيس پاران اوهان کي پڪ ڏيان ٿو ته توهان جي ڪوشش ۾ ڀرپور سهڪار ڪيو ويندو. هن سيني لاڳاپيل تمام ڌرين کي چيو ته عورتن ۽ مقامي ادارن جي مضبوطي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن.“هن موقعي تي چونڊ ڪيل گهراڻن ۾ گهٽ لاڳت وارن گهرن جي تعمير ۽ روزگار لاءِ انڪم جنريٽنگ گرانٽس جا چيڪ پڻ ورهايا ويا.

تعليم ۽ تربيت

# ڪرونا وائرس جي حقيقت ۽ روڪ ٿام لاءِ احتياطي اپاءَ

بابر جاگيراڻي

ڪيترائي اڻڄاڻ ماڻهو ان سوچ مان نہ نڪتا آهن تہ ڪرونا سچ آهي يا ڪوڙ، حقيقي بيماري آهي يا ڪا غير ملڪي سازش. پر جيڪڏهن اسان ڪرونا جي متاثرين جي انگن اکرن کي ڏسون ٿا تہ حيرت وٺي وڃي ٿي. جون 2020 جي پهرين ڏهاڪي ۾ دنيا اندر 7,334,728 ماڻهو متاثر ٿيا آهن. جنهن مان 413,981 ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا آهن. فقط پاڪستان ۾ 114,000 متاثرين مان 2,255 اجل جو شڪار ٿيا آهن ۽ 36,000 صحتياب ٿيا آهن. جڏهن تہ سنڌ صوبي منجهہ 41,303 متاثر ٿيا آهن. پهريان ڪرونا جون خبرون تنهنڪري فقط ڪهاڻي پئي لڳيون ڇو تہ اسان کان پري ڪيس پئي ظاهر ٿيا ۽ لاڪ ڊائون جي سبب تمام آهستي آهستي ڪيس پئي سامهون پئي آيا. جڏهن لاڪ ڊائون ۾ نرمي آئي ۽ اسان بي ڊپا ٿي عيد کان پهريان مارڪيٽن بازارن ۾ خريداري لاءِ نڪتاسين ۽ عيد کان پوءِ پنهنجي ڪرت / روزگار ۾ لڳي وياسين. بغير احتياطي تدبيرن جي نڪرڻ جو نتيجو هاڻي اسان جي سامهون آيو آهي. هڪدم تيزي سان ڪيسز ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. اڃان بہ جن کي يقين نٿو اچي تہ اهي فقط پنهنجي آس پاس ئي غور ڪن. اڄڪلهہ اسان جي پنهنجي خاندان، مائٽن، پاڙيسرين ۽ دوستن بابت ڏيان ڪنداسين تہ اسان کي موت جي شرح ۾ اضافو ٿيندي نظر اچي ٿو. خاص ڪري اهي جيڪي ضعيف آهن يا



## تعليم ۽ تربيت




ڪنهن بيماري ۾ پهريان ڪان مبتلا آهن. انهن جي فوتگي جون خبرون اسان کي ڪثرت ۾ ملن ٿيون. پنهنجي موبائل ذريعي پيغام، واٽس اپ ۽ فيس بڪ تي اينڊڙ عام فوت ٿيڻ جون خبرون گهٽائي ۾ اچن ٿيون. اهو ڊاڪٽر ۽ صحت جا ماهر پڻ ٻڌائن ٿا ته ڪرونا انهن لاءِ وڌيڪ نقصانڪار آهي، جن جي قوت مدافعت (اميون سسٽم) گهٽ آهي. اوهان کي به اها ڄاڻ هوندي ته انهن بزرگن ۽ ڪنهن بيماري سان جهڙيندڙن ۾ قوت مدافعت جي ڪمي هوندي آهي، اهو ئي سبب آهي ته اهي جلد موت جو شڪار ٿين ٿا. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڪرونا وائرس پلا ستو سنئون وجي پوڙهن ۽ بيمارن تي ڪيئن ٿو حملو ڪري؟ دراصل انهن تائين ڪرونا جهڙي موتمار وبا پهچائڻ جو اسان پاڻ ئي سبب بڻجون ٿا. جو ته پهريان ئي صحت جا ماهر ٻڌائي چڪا آهن ته بهتر قوت مدافعت (اميون سسٽم) وارن ماڻهن تي ڪرونا وائرس جا اثر تمام گهٽ ٿا ظاهر ٿين. تنهنڪري اسان بازارن ۾ ميل جول ڪري ڪرونا ۾ مبتلا ٿيون ٿا ۽ ان جي نمايان ٿيندڙ اثرن کي نظر انداز ڪري يا موسمن جي تبديلي سمجهي پنهنجي گهر وارن سان عام رواجي طريقي سان (ياڪر پائي، هٿ ملائي) ملون ٿا ۽ گهر اندر موجود فردن کي به متاثر ڪريون ٿا. ماهرن جو چوڻ آهي ته لاڪ ڊائون ۽ گهر ۾ محدود رهڻ سان اوهان ان بيماري جي ڦهلجڻ ۾ سستي آڻي سگهو ٿا پر روڪي نه ٿا سگهو.

جيئن ته لاڪ ڊائون کلڻ بعد ڳوناٺن ماڻهن شهرن ڏانهن رخ ڪيو آهي ته ڪرونا وائرس انهن شهرن ۾ اينڊڙ ڳوناٺن وسيلي ڳوٺن ڏانهن سفر شروع ڪيو آهي. اسان جي ٻهراڙين وارا علائقا پهريان ئي انيڪ مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن وبا کان لاعلمي يا بي احتياطي انهن ڳوناٺن لاءِ هڪ نئون عذاب تي سامهون ايندي. ان سلسلي ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن - سرسو ۽ سنڌ حڪومت پاران جوڙيل عورتن جي تنظيمن جو ڪردار هن وبا ۾ واکاڻ جي لائق رهيو آهي. ڳوٺن ۾ موجود ڳوناٺين عورتن جي جوڙيل تنظيمن وسيلي هڪ بهترين آگاهي پروگرام پاڪستان حڪومت سان گڏجي شروع ڪيو ويو آهي. تنهن پروگرام ۾ ڳوناٺين تنظيمن جون سربراهه عورتون حڪومت پاران طئي ڪيل سيني احتياطي اصولن تي عمل ڪندي آگاهي کي عام ڪري رهيون آهن. وڌيڪ انهي سلسلي ۾ عام شهري يا ڳوناٺا ماڻهو هن وبا کي اجوڪي صورتحال ۾ ڪيئن ٿا منهن ڏئي سگهن ٿا. ان کي روڪڻ جا به آسان طريقا آهن هڪڙو طريقو اهو آهي ته ان جو رستو (گيٽ) بند ڪجي. ڊاڪٽر نور خاصخيلي پاران ٻڌايل هدايتن موجب ڪرونا جيستائين جسم جي اندر نه ٿو وجي، تيستائين ڪجهه به ناهي، هٿ تي لڳل هجي يا پير تي ان جي ڪا حيثيت

## تعليم ۽ تربيت




### گهرن ۾ رهڻ دوران ڪرونا وائرس کان بچاءَ لاءِ اسان کي ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن؟

- هوادارڪمري ۾ رهڻ گهرجي.
- ميڙاڪن (هجوم) کان پاسو ڪرڻ گهرجي.
- هروقت نڪ ۽ وات تي ماسڪ پائڻ گهرجي. جيڪڏهن ماسڪ آلو يا ميرو ٿي وڃي تہ ان کي تبديل ڪرڻ گهرجي.
- ڪنگهہ يا ڇڪ اچڻ دوران پنهنجي منهن کي جلديءَ ۾ ٽشو سان ڍڪيو ۽ پوءِ استعمال ٿيل ٽشو پيپر کي رديءَ جي ٽوڪري ۾ اڇلايو.
- صابڻ سان هٿن کي ڌوئو ۽ سينيٽائيزر سان پنهنجي هٿن کي صاف رکو
- ڪهڙا احتياطي اپاءَ آهن جيڪي سيني کي اختيار ڪرڻ گهرجن تہ جيئن ڪورونا وائرس کان بچي سگهجي؟
- صحتمند ماڻهو جنهن کي ڪو بہ صحت جو مسئلو نہ هجي، اهو اوهان جو خيال رکي سگهي ٿو.
- اوهان جو خيال رکندڙ کي سرجيڪل ماسڪ پائڻ گهرجي. جيڪڏهن هو توهان سان هڪڙي ئي ڪمري ۾ رهي ٿو.
- توهان جيڪو ماسڪ استعمال ڪيو ان کي ڪو ٻيو هٿ نہ لائي.
- جڏهن ماسڪ لاهيو تہ ان کي پوئين پاسي کان هٿ وجهي ويڙهيو ۽ ماسڪ کي لاهڻ وقت ان جي اندرين پاسي کان هٿ نہ لڳايو.
- ماسڪ کي استعمال ڪري ان کي ڪنهن محفوظ جڳهہ تي گم ڪري ڇڏيو.
- ماسڪ کي لاهڻ کانپوءِ پنهنجي هٿن کي صابڻ ۽ پاڻي سان صاف ڪريو.
- هٿ بار بار صابڻ، پاڻي ۽ سينيٽائيزر سان صاف ڪرڻ گهرجن.
- اوهان کي ڪهڙا احتياطي اپاءَ اختيارڪرڻ گهرجن تہ جيئن ٻيا ماڻهو جيڪي اوهان سان رهن ٿا ڪرونا وائرس کان بچي سگهن؟

## تعليم ۽ تربيت




ناهي. ان جو رستو آهي وات ۽ نڪ (اکين ذريعي وڃڻ جو صرف 5 سيڪڙو چانس آهي، جيڪو نه هجڻ جي برابر آهي. ان ڪري ڪرونا جو رستو بند ڪيو معنيٰ وات ۽ نڪ. ويتنام ملڪ ائين ئي ڪرونا تي ضابطو آندو. وات ۽ نڪ بند ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي ماسڪ پائڻ. پنهنجو ملڪ غريب آهي، ميڊيڪل ماسڪ ناهن ته به ان جو آسان ترين طريقو اهو آهي ته رومال ڪي ٻٽو يا ٽيڻو ڪري ان جي وچ ۾ به ٽشو پيپر وجهو ۽ نڪ ۽ وات تي ٻڌو. اهو ماسڪ وائرس ڪي 95 سيڪڙو روڪي ٿو. توهان جي 95 سيڪڙو حفاظت ٿي وئي. ان سان گڏ ڪٿان موٽڻ بعد اکين ڪي تيستائين هٿ نه لايو جيستائين توهان هٿ ڌوئي نه ڇڏيو. بس اهي ٻئي ڪم ڪيو. يقينن توهان ڪي ڪجهه نه ٿيندو. پلي ڪرونا مريض توهان جي ويجهو گذري وڃن.

ٻيو طريقو اهو آهي ته پنهنجي قوت مدافعت بهتر ڪريو. پنهنجي خوراڪ تي ڌيان ڏيو، ان حوالي سان ڊاڪٽر عظمت خان جون ٻڌايل ديسي شيون جن جي واهپو سان اسان ڪرونا جهڙي وائرس سان منهن ڏيڻ لاءِ قوت

- ماڻهن سان ملڻ کان پاسو ڪيو. جيڪڏهن اوهان ۾ ڪرونا وائرس جي بيماري جون علامتون موجود هجن.
- گهر جي ڀاتين کي ٻئي ڪمري ۾ رهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن هڪ ڀاتيءَ ۾ ڪرونا وائرس جون نشانيون موجود هجن. جيڪڏهن اهو ممڪن ناهي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ ميٽر جو مفاصلو رکيو وڃي.
- ڪاڌي پچائڻ کان پهريان ۽ پوءِ ماني کائڻ کان پهريان، حاجت پوري ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هٿ ميرا لڳن ته هٿن کي صحيح صاف ڪرڻ گهرجي.
- اهي ڪهڙا خاص بندوبست آهن، جيڪي اوهان کي گهرن ۾ اختيار ڪرڻ گهرجن؟
- هر فرد کي الڳ غسل خانو استعمال ڪرڻ گهرجي،.جيڪڏهن اهو ممڪن ناهي ته گڏيل غسل خانو استعمال ڪري ان کي بلڪل صاف ڪرڻ گهرجي.
- گهر جي ڪچري کي ٻاهر اڇلائڻ کان پهريان پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ جمع ڪيو وڃي ۽ گندگي واري دٻي کي چڱيءَ طرح سان ڍڪڻ گهرجي.
- گهر جي صفائي سترائي ڪرڻ کان پهريان هٿن ۾ گلوز پائڻ گهرجن. گهر جي صفائي سترائي ڪرڻ کان پوءِ گلوز

## تعليم ۽ تربيت

مدافعت بهتر ڪري سگهون ٿا. قوت مدافعت جو واسطو معدي سان آهي. پنهنجي معدي کي بهتر ڪري ڏهي جو استعمال گهٽائي ۾ ڪريو. ٿوم جو استعمال ڪريو. ڪچي ٿوم جا ننڍا ننڍا ٽڪرا ڪري پنج کان ست منٽ هوا ۾ رکو ماني کان بعد پاڻي يا ڏهي سان کائو. پهريان ٿوري پوءِ هفتي بعد پورو ٿوم جو ٽڪر کائو. ادرڪ جو استعمال عام ڪريو. ڪاڙهي (قهوا) ۾ ادرڪ وجهي ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا ضرور استعمال ڪريو. هڪ چمچو ڇانهه وارو ادرڪ جو 6 ڪوپ پاڻي ۾ وجهو ٽيستائين ڪاڙهيو جيستائين ٽي ڪپ رهجي وڃن، پوءِ ان جو استعمال ڪريو. لونگ جا ٻه ٽڪر پڻ ان ڪاڙهي ۾ وجهو، ڪاڙهو پيئڻ بعد اهي ٻئي لونگ چٻاڙيو. زيتون جا پن استعمال ڪريو ڪاڙهي ۾ يا خشڪ ڪري ان جو پائوڊر ناهي اڌ چمچو استعمال ڪريو. هيڊ ۽ دال چيني پنهنجي ڪاڌي ۾ عام طور استعمال ڪريو. ان کان علاوه ميون جو روزمره ۾ استعمال ڪريو. خاص ڪري نارنگي رنگ وارا زردالو استعمال ڪريو، انب کائو. ان سان گڏ خشڪ ميوا استعمال ڪريو مگيرا، ڪاجو وغيره کائو. ڪنڊ جو استعمال گهٽ ڪريو. سڀ کان اهم ڳالهه پنهنجي آرام تي ڌيان ڏيو. گهٽ ۾ گهٽ 8 ڪلاڪ آرام ضرور ڪريو ۽ هلڪي ورزش پڻ ڪيو. مٿي بيان ڪيل ننڍين صلاحن تي عمل ڪري هن وڏي وبا کي آساني سان شڪست ڏئي سگهجي ٿي.

اڇلايا وڃن ۽ هٿن کي صابڻ سان چڱي طرح ڌوئجي.

- پنهجن غسل خانن، پائخانن، ٽيبلن، سمهڻ جي بسترن ۽ گهر جي فرنيچر کي روزانو ”سوليوشن“سان صاف ڪريو جيڪڏهن اهي ميرا لڳن ٿا.
- ميرا ۽ گندا ڪپڙا پائڻ کان پاسو ڪريو ته جيئن اوهان بيماريءَ کان محفوظ رهي سگهو.
- ان ماڻهو کي مقامي ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ لاءِ چيو وڃي ته جيئن ان فرد جي چڪاس ۽ ٽيسٽ ٿي سگهي.

**ڪورونا وائرس جي ٽيسٽ جي نتيجن جي ڪيئن خبر پوي؟**

جيڪڏهن توهان جي ڪووڊ 19 جي ٽيسٽ پازيٽو اچي ٿي ته توهان سان سنڌ حڪومت جو نمائندو رابطو ڪندو ۽ توهان کي اڳتي گهربل قدم کڻڻ لاءِ هدايتون ڏيندو. جيڪڏهن توهان جي ڪووڊ 19 جي ٽسٽ نيگيٽو اچي ٿي ته اوهان کي رپورٽس حاصل ڪرڻ لاءِ چيو ويندو.

**اوهان کي ڪڏهن طبي سهولتن جي ضرورت پئجي سگهي ٿي؟**

ڀاڻ تي ڪرونا وائرس جي نشانين کي جاچيو. جيڪڏهن صورتحال خطرناڪ آهي، جيئن ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ته اوهان کي اسپتال وڃڻ گهرجي، جيئن ڪووڊ 19 جي مريضن جي حوالي سان گورنمينٽ جي ڏنل لسٽ ۾ نالو هجي. اسپتال وڃڻ کان پهريان پنهنجي منهن تي ماسڪ لڳائيو.

اوهان ڪڏهن گهرن ۾ ڪناراڪشي روڪي سگهو ٿا؟

اوهان پنهنجي گهرن ۾ ڪناراڪشي روڪي سگهو ٿا جيسيتائين ڪرونا وائرس جي ڦهلاءَ جو خطرو گهٽ نٿو ٿئي. لاڳاپيل ڊاڪٽرن سان صلاح مشوري کانپوءِ گهرن مان ڪناراڪشي ختم ڪري سگهجي ٿي. ڪجهه مريضن جو ٻه دفعا ناڪاري ٽيسٽ جو 42ڪلاڪن ۾ اچڻ ضروري آهي ته جيئن ان ڳالهه جي پڪ ڪري سگهجي ته ڪوروونا وائرس جي ڦهلاءَ جو خطرو گهٽ ٿي چڪو آهي.

*(ترجمو: محمد سليم عباسي)*

### ڪامياب ڪهاڻيون

# ڪاروباري ترقياتي گروپ (بي ڊي جي) پاران گڏيل ڪاروبار شروع ڪرڻ جي ڪهاڻي ميمبرن جي زباني

***(سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام تحت ضلعي ميرپورخاص ۾ گڏيل ڪاروبار لاءِ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپ (بي ڊي جي) جي ڪهاڻي)***

**شاهد حسين بُليدي**
بزنس ڊولپمينٽ آفيسر، سرسو ميرپورخاص.

”اسان ڪڏهن تصور ئي نہ ڪيو هوسين تہ ڪو اسان عورتون پاڻ ۾ ملي ڪري ڪو ڪاروبار ڪنديون سين. اسان کي اها سموري مدد سنڌ حڪومت ۽ رهنمائي سرسو مهيا ڪئي آهي.“ ڪاروباري گروپ جي اڳواڻ ۽ ميمبر عورتن جو.اهو گڏيل چوڻ هو.

سرسو جي هميشہ کان اها ڪوشش رهي آهي تہ پُنتي پيل گهراڻن کي منظم ڪري کين تنظيمي مالها ۾ مڙهي پوءِ انهن منظم عورتن سان گڏجي غربت گهٽائڻ لاءِ ڪوششون ڪجن. ان لاءِ مستحق گهراڻن جي غربت جي انگن کي مدنظر رکندي انهن جي لاءِ مُختلف قسمن جون اسڪيمون آڻي، انهن جي صحيح استعمال بابت سکيا ڏئي غربت مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. انهيءَ حوالي سان سرسو سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هڪ گڏيل ڪاروباري گروپ جو بنياد رکيو. جنهن جو هڪ مقصد اهو بہ هو تہ جن غريب گهراڻن تائين سرسو جون اسڪيمون پهچي نہ سگهيون آهن انهن کي هڪ گڏيل



گروپ ۾ شامل ڪري کين ڪاروباري گُڻ سيکاري پاڻمرادو ناڻو ڪمائڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪري اڳتي وڌائجي.

گڏيل ڪاروباري گروپ ناهڻ ۽ ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ گهڻي قدر ڪاميابي بہ ملي آهي جنهن جو هڪ مثال اوهان پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪجي ٿو.

گروپ جي صدر سُومِريَ گروپ ناهڻ بابت ٻڌايو تہ اسان ٻوناڻي تنظيم ”ليمان“ جي پاڙي سطح جي ڇهن تنظيمن جي 7 ميمبرن ڳوٺ امير حسن قائمخاني يونين ڪائونسل هادي بخش ڊونڪائي تعلقي ڪوٽ غلام مُحمد ۾ گڏجي هڪ گڏيل ڪارباري منصوبو جوڙيوسين. جنهن ۾ گڏجي اهو فيصلو ڪيو تہ اداري کان پئسہ وٺي جانور (گابيون) پاليون، جڏهن جانور منافعي ڏيڻ جهڙا ٿين وڪرو ڪري ان منافعي مان پاليسي مطابق ڪجھ پاڻ بہ ڪڻون، ڪجھ تنظيم ۾ جمع ڪيون ۽ ڪجھ رقم مان هن ڪاروبار کي اجان اڳتي وڌايون. هڪ راءِ ٿي پلان تي عمل ڪندي هڪ قرارداد ذريعي اداري جي ٽيم کي پنهنجو پلان ٻڌايوسين ۽ ان تي ايندڙ رقم -/340,000 جي گهرَ ڪئي سين. منصوبي کي مدي نظر رکندي سرسو اداري ضروري جاچ پڙتال کان پوءِ اسان جي فائدي لاءِ -/340,000 (ٽي لک چاليھ هزار) روپيہ منظور ڪيا ۽ هڪ چيڪ ڏنو ويو. اسان سڀني ميمبرن گڏجي هڪ خريداري ڪميٽي بہ ٺاهي سين تہ جيئن گڏيل راءِ سان

## ڪامياب ڪهاڻيون



جانور خريد ڪجن. انهيءَ سلسلي ۾ ڪوٽ غلام محمد ۽ ميرپورخاص جي مال پڙين جو جائزو پڻ ورتوسين. جنهن کان پوءِ اسان ڪوٽ غلام مُحمد جي مال پڙي تان 7 گابيون 284,000 (ٻه لک چوراسي هزار) روپين ۾ خريد ڪيون. ۽ باقي بچيل رقم 56,000 مان مال پڙيءَ مان ئي جانورن کي اداري جي پاليسي مطابق حفاظتي ٽُڪا لڳرايا سين ته جيئن مال صحتمند ۽ توانو رهي. ان سان گڏ مال لاءِ واڙو به ٺاهيوسين ۽ گابين جي گاهه ڪائڻ لاءِ آهرا (کُونرَ) به ورتاسين. ”چوندا آهن ته ٻڌيءَ ۾ طاقت آهي ۽ واقعي اها حقيقت به آهي ته هڪ ماڻهو جي طاقت کان وڌيڪ گهڻن ماڻهن جي طاقت ڪم ايندي آهي. هن گڏيل ڪاروبار اسان عورتن کي پاڻ ۾ هڪ ڪيو آهي ۽ اسان گروپ جي 7 ئي ميمبر عورتن اهو ثابت به ڪيو آهي. اسين گڏيل سوچ، سمجهه ۽ صلاح مشوري سان مال جي پالڻا لاءِ هڪ بهترين قدم کنيو آهي“. گروپ جي صدر سومري ۽ ميمبر حاجران گڏيل طور ٻڌايو

اڳواڻ عورتن حاجران ۽ سومري وڌيڪ ٻڌايو ته ”اسان پهريان پنهنجن مردن سان صلاح مشورا ڪيا، پوءِ پاڻ ۾ تنظيمي عورتن ملي ڪري هي پلان جوڙيوسين ته اسان کي اداري کان فائدو وٺڻو آهي. جوته اسين مالوند ماڻهو آهيون پر غربت سبب پنهنجو مال خريد ڪري نه پيا سگهون.“ هنن ڏيڪ چيو ته ”حڪومت سنڌ ۽ سرسو اسان کي هي موقعو فراهم ڪيو جنهن لاءِ اسين ٿورائتيون آهيون“.

گروپ جي صدر مسمات سومري ٻڌايو ته ” اسان مال جي رهڻ واري جاءِ جي صفائي سترائي ۽ جانورن جي کاڌخوراڪ جو به خيال ملي ڪري رکنديون آهيون. هن وقت ورتل ستن ڏڳين مان پنج ڏڳيون وڏيون ٿي ويون آهن، جنهن مان اسان کي بهترين منافعو ملڻ جي پڪ آهي.“ گروپ جي ميمر مسمات سمبا ڪاروبار بابت معلومات ڏيندي ٻڌايو ته ”اسين اداري جي سهڪار سان وقت بوقت جانورن کي حفاظتي ٽُڪا به لڳرائيندڀون رهيون آهيون ته جيئن مال کي بيماري نه لڳي. هن وقت اسان سڀئي ميمبر تمام گهڻو خوش آهيون. ڇو ته اسان جي منصوبي کي مدنظر رکي اداري اسان غريب عورتن تي ايڏو وڏو اعتبار ڪيو ۽ اسان کي ايڏي وڏي رقم ڪاروبار لاءِ ڏني.“ گروپ جي ميمبر مسمات حرمت چيو ته ”اسان جي اها ڪوشش آهي ته جڏهن سڀ ڏڳيون وڏيون ٿين ته ڪجهه کي وڪڻي، ڪجهه رقم ڏکئي وقت لاءِ رکيون ۽ ڪجهه رقم مان ٻيون ڏڳيون خريد ڪري جانور وڌايون ۽ خوشحال زندگي گذاريون.“

گروپ جون سڀ ئي ميمبر عورتون دل جي گهرائيءَ سان حڪومت سنڌ ۽ سرسو پاران سهڪار ۽ رهنمائي مهيا ڪرڻ تي ٿورا مڃين ٿيون چيو ته انهن جي بدولت اسان پنهنجي خاندانن لاءِ ڪجهه ڪرڻ جي قابل ٿيون آهيون.

### گروپ ميمبر عورتن جا نالا ۽ تنظيم ۾ عهدا

| نمبر | پاڙي سطح جي تنظيم | نالو | عهدو |
|---|---|---|---|
| 1 | اقرا | نينا | ميمبر |
| 2 | اقرا | ڪريمان | ميمبر |
| 3 | اقرا | سمپا | ميمبر |
| 4 | اقرا | حاجران | ميمبر |
| 5 | راڻي | سومري | صدر |
| 6 | راڻي | وسندي | ميمبر |
| 7 | راڻي | حُرمت | ميمبر |

### ڪامياب ڪهاڻيون

# ڀرا ڙيءَ جون اڳواڻ عورتون پنهنجي موجودگي ذريعي ٻين جون زندگيون بهتر بڻائين ٿيون

***(سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران يورپين يونين جي مالي سهڪار ۽ رورل سپورٽ پروگرام نيٽ ورڪ (آر ايس پي اين) جي شراڪتدار سان لاڙڪاڻي ۽ قمبر_شهدادڪوٽ ضلعن ۾ هلندڙ سڪسيس پروگرام تحت جوڙيل ڪميونٽي ادارن (سي اوز، وي اوز ۽ ايل ايس اوز) سان واسطو رکندڙ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڀراڙي جي عورت اڳواڻ مسمات پروين جي ڪهاڻي ان جي زباني)۔***

ڀراڙيءَ جون منظم عورتون سڪسيس پروگرام جي بدولت هاڻ ان قابل بڻجي ويون آهن جو هو لوڪل گورنمينٽ تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿيون. عورتون پنهنجي اوليتن جي نشاندي ڪري، ان جي حل جي منصوبہ سازي ڪرڻ ۽ نين چيلينجن کي منهن ڏيڻ جي پڻ قابل بڻيون آهن. ڀراڙيءَ جي اهڙين عورت اڳواڻن مان هڪ مسمات پروين ٻہ آهي. پاڻ ڳوناٽي تنظيم (وي او) صاحب خان لاشاري جي مئنيجر ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ”سُونهن“ جي خزانچي پڻ آهي.

هن پنهنجي معاشي حالتن بابت ٻڌايو تہ ”منهنجو مڙس غلام حسين هڪ پلمبر آهي ۽ هو هفتي ۾ 4000 کان



5000 هزار ٻہ ڪمائي وٺندو آهي. پر ڪم ڪڏهن لڳيس تہ ڪڏهن نہ، چو تہ اهو ممڪن ناهي تہ ڪو روزانو ڪم مليس. ان ڪري آئون ٻہ گهر ۾ هن جو هٿ ونڊايان پئي، تہ جيئن گهر جو چرخو بهتر طريقي سان هلي سگهي. ان لاءِ آئون وهاڻن جي چوَنِ تي ڀرت ڀريندي آهيان جنهن مان هر ويهاڻي تي 100 کان 250 سؤ روپيہ ڪمايان ٿي، پر ان ۾ محنت ۽ وقت گهڻو لڳي وڃي ٿو.“

ڳوٺ سطح تي حالتون تمام خراب هيون.جڏهن پوليو ٽيمون ڳوٺ ايندئون هيون تہ عورتون پنهنجا ٻار ٻہ لڪائي ڇڏينديون هيون. لا علمي جي ڪري اهي پوليو جي فائدن کان اڻ ڄاڻ هيون. ڦڙن پيئارڻ کي ٻارن جي صحت لاءِ هاڃيڪار سمجهي رهيون هيون.

شروعات ۾ پيش آيل مشڪلاتن بابت ٻڌائيندي هن چيو تہ ” جڏهن 2016 ۾ سڪسيس پروگرام شروع ٿيو تہ ڳوٺ جي مردن کي عورتن جا پروگرام قابلِ قبول ڪونہ هئا. پهريان تہ عورتن کي ٻہ پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. مون ۽ منهنجي مڙس ٿوري تعليم حاصل ڪئي آهي ان ڪري ٿوري گهڻي ڄاڻ هئي، ان ڪري پروگرام جي مقصدن کي جلدي سمجهيوسين ۽ سڪسيس پروگرام جي ٽيم تي ڀروسو ڪيو. پوءِ ٻہ

# ڪامياب ڪهاڻيون

اسان ڪي ڪيترين ئي مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پيو. منهنجو سُهرو تہ مڪمل طور مطمئين نہ هو. توڙي جو مون ڪيس يقين ڏياريو تہ هي پروگرام مڪمل طور تي عورتن جو ۽ عورتن جي ڀلائيءَ لاءِ آهي.“

”جڏهن تنظيمون ٺهڻ جو سلسلو شروع ٿيو تہ آئون ڪميونٽي آرگنائيزيشن ۾ مئنيجر ٿيس ۽ ڪميونٽي ريسورس پرسن (سي آر پي) طور بہ خدمت ڪرڻ شروع ڪئي. اتان کان منهنجي تبديلي ڏانهن سفر شروع ٿيو. مون ڪميونٽي جاڳرتا سيشنس ذريعي عورتن مان ڀهريان تہ پوليو بابت خوف ختم ڪيو. هينئر عورتون پاڻ پنهنجن ٻارن کي پوليو ڪئمپ تي ڪٺي وڃن ٿيون. اڳ ڳورهاريون عورتون 9 مهينن تائين بہ ميڊيڪل چيڪ اپ ڪونہ ڪرائينديون هيون. جنهن ڪري ڪين ڪيترين ئي پيچيدگين کي منهن ڏيڻو پوندو هو. ان ۾ منهنجي هڪ مائٽياڻي بہ ويم دوران فوت ٿي چڪي آهي. عورتن ۽ ٻارن جي صحت متعلق ورتل سيشنس کان پوءِ عورتون باقاعدگي سان ويم جي عرصي دوران اسپتال وڃن ٿيون ۽ ميڊيڪل چيڪ اپ بہ ڪرائين ٿيون.“

مسمات پروين وڏيڪ بابت ٻڌايو تہ ”جڏهن اسان جي ڳوناڻي تنظيم ”صاحب خان“ ٺهي ۽ وليج ڊولپمينٽ پلان پاڻ جوڙي ڳوٺ جون ضرورتون ۽ اوليتون طئي



ڪري ڪم شروع ڪري ڇڏيوسين. جنهن ۾ اسان ڳوٺ جا رستا، سولر لائيٽون ۽ پلين وارين بنيادي ضرورتن کي بيان ڪيو. اسين ڳوٺ جي پهرين ترجيح طور تي پُلين جي تعمير کي رکيوسين ۽ ان جي تعمير لاءِ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيوسين.“

هن وڏيڪ چيو تہ وقت گذرندو رهيو ۽ آخرڪار اسان ڀهراڙيءَ جي عورتن پاڙي جي ٻين ڳوٺن جي تنظيمن سان ملي ڪري لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جوڙي سين ۽ ان جو نالو ”سونهن“ رکيو، جنهن ۾ مون کي خزانچي طور چونڊيو ويو. هن وقت اسان جو هي ڳوناڻين تنظيمن (وي اوز) جو نيٽ ورڪ يونين ڪائونسل سطح تي ڪم ڪري ٿو،ان ڪري سرگرميون بہ وڌي ويون آهن ۽ مان پاڻ کي وڌيڪ بااختيار، سگهاري ۽ پر اُميد محسوس ڪيان پئي، ڇوتہ هاڻي هي لاٽ ٻري چڪي آهي ۽ ان جي روشني کي ڳوٺ ڳوٺ تائين پهچائڻو آهي.

هن ٻڌايو تہ اسان ملي ڪري ڳوٺ جي مسئلن کي ترجيح ڏيڻ ۽ ان جي حل لاءِ يونين ڪائونسل جي چيئرمين ۽ انتظام هلائيندڙن سان رابطاڪاري ڪئي سين. ڇوتہ ڪجهہ ڳوٺن ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ نلڪن جي شديد ضرورت هئي ۽ هو پيئڻ جي مٺي پاڻيءَ جي مسئلي کي منهن ڏئي رهيا هئا.

”ان سلسلي ۾ هڪ پيرو مان يونين ڪائونسل جي چيئرمين سان ملي ان کان ڳوٺ جي مسئلي جي حل لاءِ مدد گهري. ڪجهہ وقت کانپوءِ يوسي چيئرمين پاران 5 هٿ جا نلڪا مهيا ڪيا ويا، جيڪي سومرا محلا، بينظيرآباد ۽ صاحب خان ۾ لڳرايا ويا. ان ڪوشش سان ڳوٺ سومرا محلا ۾ هڪ غريب عورت کي سولر پيٽ پڻ ملي. پاڻ کي هميشہ ايل ايس او جو خزانچي طور تعارف ڪرائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندي آهيان.“

مسمات پروين ٻڌايو تہ ”اسين نادرا آفيس ۾ هڪ درخواست ڏني ۽ ان جي نتيجي ۾ 118 گهراڻن کي

## ڪامياب ڪھاڻيون

نوان شناختي ڪارڊ ٺھرائڻ ۾ مدد ملي.“ اسان ڳوٺ جي 44 مستحق گھراڻن ڪي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف) ونرائي ڏنو جيڪي روزگاري ڪري رھيا آھن. ڪجھ عورتن پنھنجا مائڪرو انويسٽميٽ پلان (ايم آءِ پي) پڻ جوڙِي چوپايو مال خريد ڪيو آھي.“

مون ڏنو تہ گھٽا گھراڻا چوپايي مال لاءِ قرض وني رھيا آھن، ھڪ اڳواڻ جي حيثيت ۾ مون ڪين ٻڌايو تہ توھان ھن قرضِ مان ٻيو ڪاروبار بہ شروع ڪري سگھو ٿيون، توھان ڪي ان طرف بہ سوچڻ گھرجي. مون ھنن ڪي اھو بہ ٻڌايو تہ مون ۾ ھڪ ٻي ڪميونٽي ميمبر گڏيل طور 42،000 ھزار روپين جي سيڙپڪاري مان ڊيڪوريشن جو ڪاروبار شروع ڪيو آھي. اسين شادين ۾ ٻين تقريبن لاءِ سامان خريد ڪيو آھي. ھينئر اسان جو ڪاروبار ٽئين سال ۾ داخل ٿيو آھي ۾ ڪاميابيءَ سان ھلائي رھيا آھيون. مان توھان ڪي ٻڌايان تہ اسين ھڪ پروگرام جي آرڊر جا 5،000 ھزار ونون ٿيون ۾ عام طور تي ھڪ مھيني ۾ 3 ڪان 4 آرڊرز مليووجن.ڪووڊ-19 جي ڪري اسان جو ڪاروبار بہ سخت متاثر ٿيو پر ھاڻ ٻيھر بھتر ٿي رھيو آھي.“

ڪرونا -19 وبا جي دوران بہ اسان ھڪ ڳوناٽي متحرڪ ڪارڪن (سي آر پي) طور پنھنجون خدمتون سرانجام ڏنيون سين ۾ پنھنجي توڙي پسگردائي وارن ڳوٺن ۾ ڪرونا ڪان بچاءُ بات سجاڳي سيشن ڪيا ۾ وبا بابت جاڳرتا پيدا ڪئي. اسين جتي پُھچي نہ سگھياسين اتي فون ذريعي بہ ڳوناڻن ۾ سجاڳي وارو ڪم ڪيوسين. توڙي جو ڪرونا بحران سبب اسان جي آمدني جا ذريعا بہ سخت متاثر ٿيا. پر پوءِ بہ اھڙي ڏکي وقت ۾ڳوٺ جي غريب ڪميونٽي ڪي اڪيلو نہ ڇڏيو. اسان ڪي جڏھن ھدايا ٽرسٽ شڪارپور بابت ڄاڻ ملي تہ انھن سان ٽيليفون تي رابطاڪاري ڪري ڳوٺ جي 60 غريب ترين گھراڻن لاءِ 3000 ڪان 5000 روپين جي قيمت جو راشن حاصل ڪري غريبن ۾ ورھايوسين.

”منھنجو سيني ڀھراڙيءَ سان تعلق رکندڙ عورتن لاءِ اھو پيغام آھي تہ سرسو - سڪسيس پروگرام اسان سان ھڪ خاص وقت تائين گڏ آھي، پر ھي جوڙيل ڪميونٽي ادارا اسان جا آھن. اسان ڪي پنھنجا جذبا ۾ مھارتون استعمال ڪري انھن ڪي سنڀالڻو آھي. انھن ڪميونٽي ادارن جي ڪري اسين منظم، مضبوط ۾ گڏ آھيون. اسان عورتن ڪي مضبوط ٿي بيھڻ گھرجي ۾ ھميشہ اڳتي وڌڻ گھرجي.“ اسين منظم ٿينداسين تہ ڪوڙ سارا ادارا نھي پوندا ۾ اھي پاڻ اسان وٽ لڙي ايندا. اڳتي اچو تنظيمن جي اڳواٽي ڪريو پنھنجي ۾ پنھنجي ايندڙ نسلن جو مستقبل روشن بڻايو. ڇو تہ ھڪ اڳواڻ پنھنجو پاڻ ڪي ٻين جي اڳيان بھتر مثال طور پيش ڪري سگھي ٿو.

ان ۾ ڪو شق ناھي تہ مسمات پروين پنھنجي ڳوٺ ۾ يونين ڪائونسل ۾ ڪوشش ذريعي اھو ثابت ڪري ڏيکاريو آھي. اھڙِيون ھڏ ڏوکي، اڳواڻ ۾ ساٿي عورتون نہ صرف پنھنجي خاندان لاءِ مددگار ھونديون آھن پر اھي سموري ڳوٺ ڪي پڻ پنھنجو ھڪ ڪٽنب سمجھنديون آھن.



### ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

# مسيحا لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن

## يونين ڪائونسل ماهوٽا، ضلعو لاڙڪاڻو (سنڌ)

| ضلعو | يونين ڪائونسل | ايل ايس او ٺهڻ جي تاريخ | يوسي ۾ ڪل گهراڻا | منظم ڪيل گهراڻا |
|---|---|---|---|---|
| لاڙڪاڻو | ماهوٽا | آگسٽ، 2018 | 2،235 | 1،285 |
| ڪل پهچ | ڪميونٽي آرگنائيزيشنس جو تعداد | وليج آرگنائيزيشنس جو تعداد | جنرل باڊي ميمبرن جو تعداد | انتظامي باڊي ميمبرن جو تعداد |
| 57 سيڪڙو | 55 | 10 | 20 | 7 |

لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن مسيحا يونين ڪائونسل ماهوٽا ضلعي لاڙڪاڻي ۾ واقع آهي. جنهن جي آفيس يونين ڪائونسل جي ڳوٺ خير بخش مري ۾ قائم ڪئي وئي آهي. مقامي سهڪاري تنظيم مسيحا ۾ ڪل پاڙي سطح واريون 55 تنظيمون منظم آهن ۽ ڳوٺاڻي سطح واريون 10 تنظيمون شامل آهن جنهن ۾ ڪل منظم ڪيل گهراڻا 1285 آهن، جنهن ۾ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ 987 گهراڻا آهن.

مقامي سهڪاري تنظيم جو بنياد 31-8-2018 تي رکيو ويو، جنهن جي نمائندن جي چونڊ ڳوٺاڻي تنظيمن VOs مان متفقه راءِ سان ڪئي وئي. مقامي سهڪاري تنظيم مسيحا ۾ ٽوٽل 20 ميمبر عورتون آهن. جنهن ۾ ايگزيڪيٽو باڊي جا 7 ۽ 20 جنرل باڊي جا ميمبر شامل آهن.

ايل ايس او مسيحا جون اڳواڻ عورتون پنهنجي مدد پاڻ تحت توڙي سرڪاري ادارن جي سهڪار سان ترقياتي سرگرمين جي منصوباسازي ڪن ٿيون ۽ عمل ۾ آڻين ٿيون. يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام گڏيل اپائن ذريعي حاصل ڪيل طاقت جي احساس ذيارڻ ذريعي ڀهراڙيءَ جي عورتن کي سگهارو بڻائي رهيو آهي. عورتون پنهنجي حقن بابت جاڳرتا حاصل ڪري خدمتون مهيا ڪندڙ ادارن کي جوابده ڪري رهيون آهن ۽ پنهنجي زندگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهيون آهن.



### ايل ايس او پاران ڪووڊ-19 دوران ڪيل ڪم

ڪرونا وبا جي ڦهلاءُ کي روڪڻ لاءِ حڪومت پاران لاڳو ڪيل لاڪ ڊائون دوران خاص طور تي روزانو مزدوري ڪندڙ ماڻهو گهرن ۾ رهڻ تي مجبور ٿيا. ان صورتحال سبب اهڙا غريب گهراڻا سخت متاثر ٿيا. اهڙين حالتن ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن "مسيحا" غريب ماڻهن جي سهولتڪاري جو هڪ ذريعو بڻي ۽ اڳواڻ عورتن هڪ جامع حڪمت عملي تحت ڪم ڪيو

# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف



۽ غريب ماڻهن جي سهائتا لاءِ لوڪل گورنمينٽ، سول سوسائٽي جي تنظيمن ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن سان لهه وچڙ ڪئي. سڀ کان پهريون ايل ايس او پنهنجي مدد پاڻ تحت 300 غريب ترين گهراڻن جي خوراڪ جو بندوبست ڪيو. ان کان علاوهه 25 گهراڻن کي لوڪل گورنمينٽ جي نمائندن ذريعي خوراڪ ڏياري وئي ۽ ايل ايس او جي ڪوشش سان ٻين 65 غريب گهراڻن کي به خوراڪ ڏياري وئي. ان کان علاوه ايل ايس او پنهنجي مدد پاڻ تحت وبا کان بچاءَ لاءِ احتياطي تدبيرون وٺڻ ۽ ذاتي حفاظت لاءِ 300 گهراڻن کي صابڻ ۽ 520 ماسڪ مهيا ڪيا ۽ 58 ڪميونٽي ميمبرن جي ڪرونا ٽيسٽ ڪرڻ جو بندوبست ڪيو، جنهن ۾ 38 مرد ۽ 20 عورتون شامل هيون. اهي ٽيسٽون سول اسپتال مان ڪرايون ۽ نتيجا پڻ حاصل ڪيا ويا.

ڪرونا وبا جي ڦهلاءَ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ايل ايس او پاران پنهنجي ميمبرن ۽ ڪميونٽي ۾ وبا خلاف احتياطي اُپائن بابت سماجي جاڳرتا بيداري مهم هلائي ۽ سيني ڳوٺاڻن متحرڪ نمائندن (سي آرپيز) پاران ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) ۾ جاڳرتا گڏجاڻيون ڪيون ۽ يونين ڪائونسل جي 55 سي اوز ۾ هٿ ڌوئڻ ۽ سماجي فاصلي بابت عملي سرگرميون پڻ ڪيون.

ايل ايس او جي اڳواڻن 850 گهراڻن کي احساس ايمرجنسي ڪيش پروگرام ۾ رجسٽريشن جي سهولت مهيا ڪرڻ ۾ رهنمائي پڻ ڪئي، نتيجي ۾ سيني غريب گهراڻن 12000 هزار روپيا حاصل به ڪيا.

## ايل ايس او روزگار جو هڪ ذريعو

ايل ايس او بچت ذريعي غريب گهراڻن کي رهنمائي ۽ سهولت مهيا ڪئي، جيڪي پنهنجي معمول جي زندگي ۾ بيروزگاري سبب مُشڪلاتن کي مُنهن ڏئي رهيا هئا. ايل ايس او مسيحا نه صرف پنهنجي ميمبرن کي پر ٻين غريب ماڻهن کي به سهولت ۽ خوراڪ مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪندي رهي ٿي. گڏوگڏ پنهنجي بچت مان ننڍي سطح تي ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ به سهولتڪاري ڪندي رهي ٿي. جڏهن ملڪ ۾ ڪُرونا سبب ڏکي صورتحال هلي رهي آهي وبا سبب هر ماڻهو پريشان آهي، ان دوران ايل ايس او اڳواڻن کي خبر پئي ته پنهنجي ميمبر حميده خاتون کي گهر ۾ سخت تڪليف آهي سندس مڙس بي روزگار ٿي پيو آهي. متفقه راءِ سان حميده کي بچت مان 20،000 روپيه قرض طور ڏنا ويا، سندس مڙس پنهنجي ڪجهه موڙي پونجي ملائي ڳوٺ ۾ هڪ دوڪان کوليو. هن وقت سندس دوڪان سٺو هلي رهيو آهي، اهڙي طرح ايل ايس او ڪجهه غريب عورتن کي جانور وٺڻ ۾ به مدد فراهم ڪئي آهي.



# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

## چوپايي مال جي ويڪسين لاءِ گورنمينٽ جي لائيو اسٽاڪ ڊپارٽمينٽ سان رابطاڪاري

مقامي متحرڪ نمائندا (سي آر پيز) جاڳرتا ويهڪُن دوران جانورن جي ويڪسين جي فائدن بابت معلومات پڻ مهيا ڪندا رهن ٿا. يونين ڪائونسل ۾ جتي بہ ڪو جانور بيمار ٿئي ٿو تہ ڪميونٽي پڻ انهن سي.آر.پي سان رابطي ۾ اچي وقت سر جانورن ڪي ويڪسين بہ ڪرائين ٿا. ڇو تہ ماڻهو سمجهن ٿا تہ جانور صحتمند هوندو تہ ناڻو بہ سٺو ڪمائي سگهبو. ان حوالي سان ايل ايس او مسيحا سنڌ حڪومت جي چوپايي مال جي سنيال جي کاتي سان رابطاڪاري پيدا ڪئي ۽ 60 جانورن ۾ ويڪسين پڻ ڪرائي.

## ايل ايس او جا پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪنيل قدم

ايل ايس او مسيحا ڪميونٽي جي سهولتڪاري لاءِ پنهنجي طور تي مختلف ڪوششون ورتيون آهن. جنهن ۾ 10 غريب گهراڻن کي پيئڻ لاءِ مِٺي ۽ صاف پاڻيءَ جي سهولت گهر ۾ ڏيڻ لاءِ هٿ جا نلڪا مهيا ڪري ڏنا. ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي پاران تعلقي سطح تي جوڙيل رليف ڪاميٽي ميمبر طور پنهنجي تعلقي جي غريب ۽ مستحق گهراڻن جي چونڊ ڪري لسٽون ناهي اسسٽنٽ ڪمشنر وٽ جمع ڪرائي انهن کي راشن وٺي ڏيڻ ۾ بہ





مدد مهيا ڪئي. اهڙيءَ طرح ايل ايس او لاڪ ڊائون دوران سنڌ حڪومت پاران جوڙيل رليف ڪاميٽي جي ميمبر طور پوري تعلقي ۾ راشن جي ورهاست جي نگراني جو بہ ڪم ڪيو.

ايل ايس او جو بنيادي ڪم سرڪاري ادارن، مختلف کاتن ۽ بين لاڳاپيل ڌرين سان رابطاڪاري بهتر ڪرڻ هو تہ جيئن غريب ڳوٺاڻن جي بنيادي ضرورتن ۽ مسئلن جي حل ۾ ڀرپور مدد حاصل ڪري سگهجي. ان حوالي سان ايل ايس او نيٽ ورڪ يونين ڪائونسل ۽ تعلقي جي مقامي حڪومت جي چونڊيل نمائندن سان لڳاتار گڏجاڻيون ڪندي رهي تي ۽ لاڳاپيل ادارن کي پنهنجن ڳوٺن جا مسئلا ٻڌائي ان جي حل لاءِ ڪوششون وٺي ڪنهن حد تائين مسئلا حل ڪرايا ويا. خاص طور تي ڪرونا وبا جي ڪري پيدا ٿيل صورتحال سبب روزاني اُجرت ڪندڙ ۽ غريب گهراڻن جي سهائتا لاءِ هر ممڪن رهنمائي ۽ مدد مهيا ڪئي پئي وڃي، تہ جيئن ڪنهن غريب گهراڻي کي ڪا تڪليف نہ اچي ۽ پنهنجي ٻچن جي بهتر پالنا ڪري سگهن. گڏوگڏ ايل ايس او جي هميشہ ڪوشش رهي آهي تہ غريب عورتن کي هنري سکيا ڏياري کين معاشري جو ڪارائتو فرد بڻايون تہ جيئن هو پنهنجي مدد پاڻ ڪري سگهن.

# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

## ايل ايس او پاران آمدني وڌائڻ لاءِ ورتل ڪوششون

ڳوٺ خير بخش مري جي ڳوناٺي تنظيم جي 12 ڇوڪرين جي گروپ کي يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام تحت سلائيءَ جي تربيت ڪرائي وئي. گروپ ۾ شامل نياڻين هنري سکيا پوري ڪئي. پر وسيلن جي کوٽ سبب تربيت مان ڪو عملي فائدو حاصل نہ ڪري پئي سگهيون. ايل ايس او جي اڳواڻ عورتن انهن ڇوڪرين کي هڪ گروپ جي شڪل ۾ منظم ڪيو ۽ انهن کي گڏيل طور پنهنجي ايل ايس او پنيان "مسيحا" جو نالو پڻ ڏنو. متفقہ راءِ سان هنن کي ڪميونٽي آرگنائيزيشن (سي او) جي بچت مان اوڌر طور سلائي مشينون خريد ڪري ڏنيون تہ جيئن هو هن هنر مان فائدو حاصل ڪري سگهن، گڏوگڏ تنظيم کي بہ فائدو ملي ۽ گڏوگڏ پنهنجي گهر جون حالتون بہ بهتر ڪري سگهن. هن وقت هو بهترين سلائيءَ جو ڪم ڪري رهيون آهن، ڪين ٻاهران بہ آرڊر ملن ٿا، جنهن ۾ ايل ايس او بہ ڪين رهنمائي ڪري ٿو، سندن چواڻي تہ هاڻ هو مهيني ۾ لڳ ڀڳ 3000 کان 4000 هزار روپيا ڪمائين ٿيون. سندن ڪوشش آهي تہ هن ڪم ۾ اڃان بہ بهتري آڻيون ۽ پنهنجي خاندان لاءِ هڪ مستقل روزگار جو ذريعو بڻجون.









**بيو رُخ**

# اعليٰ تعليم يافته نوجوانن کي بزنس انٽرپرائيز ڏانهن اچڻ گهرجي!

زبير سومرو

هر اداري جو هڪ تصور جو بيانيو (Vision Statement) هوندو آهي، جيڪو اداري جي مقصدن جو بنياد هوندو آهي. اهو مقصد ٻارن، والدين، استادن ۽ ادارن جي ذهن اهو ئي آهي ته بهتر کان بهتر تعليم حاصل ڪري بهتر کان بهتر نوڪري حاصل ڪجي ۽ پنهنجي ذاتي مستقبل کي سنوارجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي مدد ڪجي. ان سموري اسٽيٽمينٽ ۾ سماج، سوشل ورڪ، معاشري ۾ اعليٰ تعليم يافته فرد جي ڪردار نالي ڪا به شيء نظر نه ايندي. جهڙي طرح نجي ميڊيڪل ڪاليج مان چئن سالن جي ڊاڪٽري جي ڊگريء جو خرچ لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ اچي ٿو وڃي ، ظاهر آهي ته هيڏي وڏي رقم جي سيڙپ ڪندڙ شاگرد ۽ ان جا والدين سڀ کان پهريون ته اهو پلان جوڙيندا ته اهو ڪروڙ رپيو ڪيئن ڪڍجي. اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو مقصد انتهائي محدود ويزن اسٽيٽمينٽ تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سکر واري آء بي اي يونيورسٽي سموري سنڌ ۾ باقي سمورين يونيورسٽين ۾ سڀ کان مٿي بيٺي آهي. پنجويهه سال کن اڳ وجود ۾ ايندڙ هي تعليمي ادارو اڄ سنڌ جو اهم ۽ اتر سنڌ جي وڏي ۾ وڏي يونيورسٽي بڻجي چڪو آهي. سالن جي اڻٿڪ محنت جي حاصلات اها آهي جو آء بي اي سکر اتر سنڌ جي ڏهن ٻارنهن ضلعن جي ڪروڙ کان مٿي نوجوان شاگردن ۾ شاگرديائڻين جي معياري اعليٰ تعليم جا خواب پورا ڪري ٿو. آء بي اي، انسٽيٽوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جو مخفف آهي. بنياد پوڻ وقت هن اداري جو مهارت جو مُک شعبو بزنس ايڊمنسٽريشن ئي هو جنهن جو سادي ٻوليء ۾ مفهوم اهو آهي ته سائنسي بنيادن موجب ڪاروبار ڪجي. هوريان هوريان هن اداري ۾ فزيڪل ايجوڪيشن، ووڪيشنل ٽريننگس ۾ بيوٽيشن جا ڪورس، ٽيلرنگ جا ڪورس، ڪمپيوٽر جا شارٽ ڪورس ۽ الائي ته ڇا ڇا.

**ميڊيڪل ڪاليج جا فارغ التحصل نوجوان ڊاڪٽري شعبو اختيار ڪندا آهن، سيمينٽ بجري جي ٺيڪيداري نه ڪندا آهن، ساڳي ريت فيشن ڊزائن جي شعبي جا ماڻهو فيشن ڊزائننگ جو ڪم ڪندا آهن، اچار جو ڪاروبار نه ڪندا آهن. پر ڇا اها حيرت ۽ کِل جوڳي ڳالهه ناهي ته بزنس ايڊمنسٽريشن جا ماڻهو هر ڪم ڪندا آهن سواءِ پنهنجي لاڳاپيل شعبي جي. اصولي طور ٿيڻ ته ائين گهرجي نه ته بزنس ايڊمنسٽريشن سائنسي بنيادن موجب ڪاروبار ڪرڻ جي ڊگري وٺي هنن نوجوانن کي ڪاروبار ڪرڻ گهرجي ڇوته هنن ڪامرس جي فيلڊ ۾ چار سال ڪتابي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي.**

## ٻيو رُخ




انجنيئرنگ يونيورسٽي جا فارغ التحصل نوجوان گھٽي قدر انجنيئر ٿيندا آهن، بوتيڪ نه کوليندا آهن. ميڊيڪل ڪاليج جا فارغ التحصل نوجوان ڊاڪٽري شعبو اختيار ڪندا آهن، سيمينٽ بجري جي ٺيڪيداري نه ڪندا آهن، ساڳي ريت فيشن ڊزائن جي شعبي جا ماڻهو فيشن ڊزائننگ جو ڪم ڪندا آهن، اچار جو ڪاروبار نه ڪندا آهن. پر ڇا اها حيرت ۾ ڪِل جوڳي ڳالهه ناهي ته بزنس ايڊمنسٽريشن جا ماڻهو هر ڪم ڪندا آهن سواءِ پنهنجي لاڳاپيل شعبي جي. اصولي طور ٿيڻ ته ائين گهرجي نه ته بزنس ايڊمنسٽريشن سائنسي بنيادن موجب ڪاروبار ڪرڻ جي ڊگري وٺي هنن نوجوانن کي ڪاروبار ڪرڻ گهرجي ڇوته هنن ڪامرس جي فيلڊ ۾ چار سال ڪتابي ڄاڻ حاصل ڪئي آهي، پر ڪمال آهي ته بي بي اي، ۽ ايم بي اي ڪندڙ سؤ سيڪڙو نوجوان نوڪري ڪرڻ چاهيندا آهن. اهو "نوڪري سنڊروم" سنڌي سماج جي ذهن جو بيڪٽريا بڻجي ويو آهي. سنڌ جي پبلڪ يونيورسٽين تي ڪائي ميار ئي نه نهي."ميار ۽ "معيار" ڏسي ڪري ڏٻي آهي. سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ڀاوڙو، دادو، نوشهرو فيروز، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، شڪارپور، خيرپور، ڪنڊ ڪوٽ ۽ حيدرآباد تائين وڃي پهتو آهي. سٺي ڳالهه آهي پر ايڏي وڏي ڦهلاءَ کي سنڀالڻ به ته هڪ وڏو چيلينج آهي.

پبلڪ يونيورسٽين جو ته حال آهي ئي نه! پر نجي ادارا به هر سوين هزارين نوجوانن جي هٿن ۾ ڊگريون ڏئي مارڪيٽ ۾ لاهين ٿا ۽ سڀ جا سڀ نوڪري واري لائين ۾! اُهو ئي "نوڪري مينيا". بزنس ايڊمنسٽريشن جي نوڪري سنڊروم زده اهڙي ڊگري جو ڪهڙو فائدو. يعني حد ٿي وئي ته ايم بي اي ڪواليفائيڊ، مارڪيٽنگ ۾ اسپيشلائيزيشن ڪندڙ ۽ مارڪيٽنگ جي مخصوص ٽيڪنيڪل موضوعن تي ٿيسز لکندڙ نوجوان ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون ڪنهن به هلڪي ڦلڪي اين جي او ۾ فائنانس اسسٽنٽ يا ايڇ آر اسسٽنٽ جي نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا پر انٽرپرينئرشپ يا بزنس طرف سوچڻ جو تصور به نٿا ڪن. ان رَويي جو نوي سيڪڙو ذميوار انهن جو تعليمي ادارو آهي. بزنس پڙهندڙ نوجوانن جي نصاب ۾ اڪائونٽنگ، اڪانامڪس،



## ٻيو رُخ




مارڪيٽنگ، آرگنائيزيشنل ٻِهيويئر، بزنس ڪميونيڪيشن، ايچ آر ۽ ٻيا لاڳاپيل مضمون ٿيوري طور پڙهن ٿا ۽ زبردست محنت ۽ مهارت سان پڙهن ٿا پر انهن جي پريڪٽيڪل ائپروچ، انهن جي ادراڪ ۾ ناهي. استادن توڙي شاگردن جي ذهن ۾ صرف سٺن نمبرن سان امتحان پيپر پاس ڪرڻ مقصد هوندو آهي ۽ بس.

بزنس ايڊمنسٽريشن جي سبجيڪٽ ۾ ماسٽرس جي ڊگري ڏيندڙ سرڪاري توڙي نجي تعليمي ادارن سان پڻ لاڳاپيل آهي.. انهن سڀني کي خيال ڪرڻ گهرجي. آءِ بنيادي طور تي اهي بزنس ايڊمنسٽريشن جا تعليمي ادارا آهن، جنهن جو ڪم آهي ته نوجوانن جي ڪوپڙيءَ مان نوڪريءَ جو پوت ڪڍي، ڪاروبار ڏانهن مائل ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ ڪيترا ئي شاندار روايتي ڪاروبار آهين، جيڪي هن دؤر ۾ به مدي خارج اسٽائل ۾ هلن پيا. ڏيڍ سؤ سالن جي معيار جي شاندار تاريخ رکندڙ شڪارپوري اچار براندبہ ٿي سگهيو آهي. غير معمولي ڪوالٽي جي حامل خيرپور جي ڪجور براند نہ ٿي سگهي آهي. هزارين سال اوائلي بين الاقوامي شهرت يافتہ اجرڪ براند نہ بڻجي سگهيو آهي. هالا ۽ ڪشمور جا شاهڪار هينڊي ڪرافٽس براند نہ بڻجي سگهيا آهن. نصرپور جي آڏاٽي جو ڪيس براند نہ بڻجي سگهيو آهي. انهن ادارن ۾ سنڌ جي انهن ئي شهرن جا هزارين نوجوان پڙهن ٿا، پر هنن جي تدريس ۾ ڪٿي به شڪارپوري اچار، خيرپور جي ڪجور، ڪشمور جي هينڊي ڪرافٽ، نصرپور جي ڪيسَ ۽ ڳوٺ ڳوٺ جي هٿ جي هنر بابت ڪا رسرچ ڪا اسٽڊي ناهي نہ ئي هو بزنس ايڊمنسٽريشن جي شاگردن کي ان طرف مائل ڪن ٿا تہ هُو ايم بي اي جي ڊگري وٺي ان روايتي ڪاروبار کي هٿي وٺرائن.

*(نوٽ: ترقي ۽ سماجي تبديلي جي عمل کي سمجهڻ ۽ ان جي رستي ۾ آيل رُڪاوٽن جو تجزيو ليکڪ جي ذاتي راءِ آهي . ان جي راءِ سان اداري جو متفق هجڻ ضروري ناهي، ادارو)*



روشن ڏيئا

# پروفيسر نثار احمد صديقي (مرحوم)
# هڪ ادارا ساز شخصيت



دنيا ۾ تعليم جي ترقي ۽ سجاڳي ڪي هڪ تحريڪ طور ڏٺو وڃي ٿو، پوءِ چاهي اهو يورپ جو اونڌاهي دور کان جديد دور ۾ داخل ٿيڻ دوران رڪاوٽون هجن يا نندي ڪنڊ ۾ جديد تعليم جي مخالفت هجي. ان ڪري تعليم جي به هڪ سماجي تبديلي جي تحريڪ طور هميشه پُراڻي دُقيانوسي خيالن ۽ تبديلي کان ڊنل ذرين مخالفت ڪئي ۽ ان کي سماج دشمني سان پيٺ ڪئي آهي. مگر ان جو خواب ڏسندڙ انهن تمام رُڪاوٽن ۽ للڪارن جي باوجود جديد تعليم لاءِ قرباني ڏيندي ڪاميابي ماڻي ۽ دنيا کي موجوده ترقي واري دور تائين پهچايو آهي. تعليمي ادارن يورپ ۾ نئين سجاڳي دور ۾ داخل ٿيڻ کان وٺي صنعتي ترقي ۽ سماجي، ثقافتي ۽ مُعاشي انقلابن ۾ اڳواٽيءَ ۽ رهنمائيءَ وارو ڪردار به ادا ڪيو آهي. سنڌ ۾ جديد تعليم جي تحريڪ جو آغاز به سر سيد احمد خان جي شروع ڪيل تحريڪ کان متاثر ٿي، محترم حسن علي آفندي 19 صدي جي آخر ۾ ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ مدرسته الاسلام جو قيام عمل ۾ آندو ويو. جنهن کي اڳتي وڌائيندي شڪارپور، نوشهرو فيروز ۾ سائين الهندو شاهه، حيدر آباد ۾ نورمحمد اسڪول ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ اسڪول کوليا ويا. سنڌ ۾ تعليمي تحريڪ جي ڪاميابيءَ جو وڏو نتيجو نندي ڪنڊ جي ورهاڱي کان اڳ علامه آءِ آءِ قاضي ۽ سنڌ جي ٻين ڳهڻ ڳهرن ڀارن ورتل ڪوشش جي نتيجي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي قيام جي شڪل ۾ سامهون پڌ آيو.
حسن علي آفندي جن جي سنڌ مدرسي ۽ علامه آءِ آءِ قاضي جي سنڌ يونيورسٽي جي قيام جي ذريعي جديد تعليم يافته سنڌ اڏڻ واري خواب جي عملي شڪل جناب نثار احمد صديقي صاحب جن جي سکر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) اداري جي قيام جي صورت ۾ سامهون آندي. ٻين لفظن ۾ آءِ بي اي جو قيام سنڌ ۾ 19 صدي ۾ شروع ڪيل جديد تعليمي تحريڪ جو ئي هڪ تسلسل ۽ نثار صاحب ان ئي قافلي جو هڪ مهندار آهي. سنڌ جهڙي سماج ۾ جتي وسيلن جي کوٽ ۽ مددگار انتظامي نظام نه هجڻ جي باوجود آءِ بي اي جهڙو شاندار ادارو جوڙڻ ۽ ڪاميابيءَ سان هلائي ڏيکارڻ ڪنهن به مُعجزي کان گهٽ ناهي ۽ ان لاءِ سنڌ صدين تائين نثار احمد صديقي کي هڪ عظيم محسن طور ياد ڪندي رهندي.

## پيدائش ۽ تعليم

1943ع ۾ سکر لڳ ڳوٺ ورايو ۾ جنم وٺندڙ پروفيسر نثار احمد صديقي 76 سالن جي عمر ۾ جون 22، 2020ع تي ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو. ڪيس دل ۽ گُردن جي بيمارين سبب اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو. پاڻ 8 سالن جو هو ته سندس والد عبدالواحد صديقي فوت ٿي ويا. والد صاحب مقامي عدالت ۾ ريڊر طور نوڪري ڪندا هئا. ڪيس 5 نياڻين ۽ ٻن پٽن جو اولاد ٿيو، نثار صاحب 5 ڀينرن کان پوءِ پيدا ٿيو. جڏهن ته ڪيس 3 پٽن ۽ 4 نياڻين جو اولاد ٿيو.

## روشن ڏيئا

نثار احمد صديقي پرائمري ۽ هاءِ اسڪول تائين تعليم پريالوءِ ضلعو خيرپور ۾ حاصل ڪئي. جتي سندس خاندان لڏپلاڻ ڪري سڪونت اختيار ڪئي هئي. انٽرميڊيئيٽ خيرپور مان ڪئي. جڏهن تہ ماسٽرس معاشيات ۽ ايم ايڊ جي مضمونن ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي. اڳتي هلي پاڻ ماسٽرس ان بزنس ايڊمنسٽريشن (ايم بي اي) آمريڪا جي بوسٽن يونيورسٽي مان ڪئي.

### پيشيوراڻي زندگي جي شروعات

پنهنجي عملي زندگي جي شروعات هڪ سرڪاري استاد (هائير سيڪنڊري ٽيچر) طور ڪئي ۽ سنڌ جي مختلف شهرن جي اسڪول ۾ خاص طور رياضي، انگريزي ۽ معاشيات پڙهائي. ان دوران ئي اعليٰ سرڪاري نوڪري لاءِ چٽا پيٽيءَ جو امتحان 1974ع ۾ ڏنو ۽ ڪاميابي ماڻي سول سروس ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ اهم انتظامي عهدن جهڙوڪ: ايس ڊي ايم، ڊپٽي ڪمشنر، ڪمشنر ۽ سيڪريٽري طور ڪم ڪيو ۽ 2004 ۾ سرڪاري نوڪري تان رٽائرمينٽ ورتي ۽ آءِ بي اي ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي ڪم شروع ڪيو. هڪ استاد طور عملي زندگي شروع ڪندڙ ۽ اعليٰ انتظامي عهدن تي رهڻ کان پوءِ هڪ تعليمي اداري ۾ پڙهائڻ ۽ انتظام سنڀال واري ذميداري پرپور طريقي سان نڀائي ۽ پنهنجي پوري تجربي، قابليت ۽ جذبي جي آڌاري تي حياتي ۾ ئي هڪ " ليجنڊ" طور تي مڃتا ماڻي. علم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سان سندس گهرو لڳاءُ هو، ان ڪري هميشہ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي ڪرت ۾ مصروف رهيا.


سائين نثار احمد صاحب اعليٰ سرڪاري انتظامي عهدن تي رهڻ دوران پنهجي پيشيوراڻي ڪم ڪي پوري جذبي، محنت ۽ ايمانداري سان ڪرڻ سبب هڪ سُٺي ساک واري شخصيت طور وڏو نالو ڪمايو. جنهن بہ عهدي يا هنڌ رهيو، پنهنجي ڪم کي هڪ امانت ۽ خدمت سمجهي نڀايو. ان ڪري ئي جڏهن آءِ بي اي ادارو قائم ڪيو تہ سندس شخصي ساک اداري کي ڪاميابي ۽ مڃتا ڏيارڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو.

### سکر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) يونيورسٽي جو بنياد

سائين نثار احمد صديقي (مرحوم) جي شخصيت جي عظمت جو سڀ کان وڏو ثبوت سکر انسٽيٽيوٽ آف



## روشن ڏيئا




بزنس ايڊمنسٽريشن (آءِ بي اي) يونيورسٽي آهي. ان ڪري آءِ بي اي بابت ڄاڻڻ ڪانسواءِ پروفيسر صاحب جي شخصيت ۽ ڪم بابت صحيح اندازو نٿو لڳائي سگهجي. پاڻ آءِ بي اي جو باني ڊائريڪٽر ۽ وائيس چانسيلر هو. آءِ بي اي هڪ اداري يا يونيورسٽي جو نالو ناهي، پر حقيقت ۾ ميرٽ، معيار ۽ قابليت جو ٻيو نالو آهي. آءِ بي اي ڪنهن هڪ خاص عمارت ئي ناهي پر سنڌ جي نوجوانن جو معياري تعليم حاصل ڪرڻ، صلاحيتن ڪي بهتر ڪرڻ ۽ عملي زندگي کي شاندار بڻائڻ واري خواب جي ساپيان آهي. پاڻ اداري جي ڇٽي هيٺ 13 ڪميونٽي ڪاليجن ۽ 40 کان وڌيڪ پبلڪ اسڪولن جي شروع ڪرڻ جي تصور جو خالق ۽ نگران پڻ هو. آءِ بي اي سنڌ نه پر پوري پاڪستان ۾ ميرٽ ۽ قابليت جو هڪ ماڊل طور سڃاتو وڃي ٿو.

پاڻ اداري جو بنياد سکر آءِ بي اي جي نالي سان 1994ع ۾ وڌو ۽ سکر پبلڪ اسڪول جي ٻن ڪلاس رومن کان شروع ڪري هڪ مڪمل ”اسٽيٽ آف آرٽ“ يونيورسٽي جي درجي تائين پهچايو ۽ پاڪستان جي سڀ کان بهترين 4 تعليمي ادارن (ڪاروباري تعليم) ۾ شامل ڪرايو. آءِ بي اي کي 2006ع ۾ ڊگري ڏيندڙ اداري طور تسليم ڪيو ويو جڏهن ته 16 مئي، 2017ع تي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي بل ذريعي سکر آءِ بي اَي يونيورسٽي طور قائم ڪيو. يونيورسٽي ۾ مئنيجمينٽ سائنس، اليڪٽريڪل انجيئنرنگ، ڪمپيوٽر سائنس، فزيڪل ايجوڪيشن، ايجوڪيشن ۽ رياضيءَ جون فيڪلٽيون معياري تعليم لاءِ قائم آهن. پروفيسر صاحب جديد دور ۽ مارڪيٽ ايڪانامي جي ضرورتن کان بخوبي آگاهه هو، ان ڪري خاص طور تي بزنس، انجينئيرنگ، ڪمپيوٽر ۽ رياضي جي شعبن ۾ انساني وسيلن جي ترقي کي اوليت ڏني،

## روشن ڏيئا



جيڪوسندس ڏُورانديشي ۽ ڏاهپ جو وڏو ثبوت آهي. سندس ئي اڳواڻيءَ ۾ آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليج جي نالي سان سنڌ جي ٻهراڙِيءَ وارين ضلعن ۾ قائم ڪري نوجوانن لاءِ معياري تعليم جا موقعا پيدا ڪيا ويا آهن. جنهن ۾ هڪ اسڪول سکر پبلڪ اسڪول به شامل آهي، جنهن جي بڻ ڪمرن ۾ 1994 آءِ بي اٰي جي آغاز ڪيو ويو هو.

پاڻ سکر آءِ بي اي پاران نيشنل هنٽ پروگرام شروع ڪيو، جنهن تحت پوري ملڪ : پنجاب، بلوچستان، خيبر پختون خواه، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي 300 با صلاحيت نوجوانن کي اسڪالرشپ مهيا ڪيون ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ هنٽ پروگرام تحت صرف سنڌ جي 300 نوجوانن کي اسڪالرشپون مهيا ڪيون. اهڙيءَ طرح 13 آءَ بي اي ڪميونٽي ڪاليجن جي قيام ذريعي سنڌ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن جي نوجوانن لاءِ معياري تعليم ۽ تربيت جو بندوبست ڪيو آهي.

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو مکيه ڪئمپس سکر شهر ۾ قائم آهي. ان سان گڏ ڪمونيٽي ڪاليجن ۽ پبلڪ اسڪولن جي هڪ وڏي تعليمي نيٽورڪ جوڙِيل آهي ۽ لکن جي تعداد ۾ ٻارن ۽ نوجوانن جي معياري تعليم جو ذريعو بڻيل آهي.جيڪي پرائمري تعليم کان وٺي گريجوئيشن، ماسٽرس ۽ پي ايڇ ڊي تائين تعليم جون خدمتون مهيا ڪري رهيا آهن..ريگيولر تعليمي پروگرامن کان علاوه انگريزي ٻولي، پروجيڪيٽ مئنيجيمينٽ، تعليمي سکيا، آءِ ٽيءَ ڪاروباري انتظامڪاري جي موضوعن تي ٿوري مدي واري تعليمي ۽ تربيتي پروگرام به ڪافي معياري مجيا وڃن ٿا ۽ جيڪي هر پروفيشنل فرد حاصل ڪرڻ چاهي ٿو.

### پروفيسر نثار احمد صديقي (مرحوم) جي شخصيت :

پروفيسر نثار احمد صديقي (مرحوم) کي محترم حسن علي آفندي ۽ علامه آءَ آءِ.قاضي جي قافلي جو هڪ سپاهي سمجهيو وڃي ٿو ۽ آءِ بي اي کي سنڌ جي

## روشن ڏيئا

آڪسفورڊ سان پيٽ ڪئي ويئي آهي، جنهن بنا ڪنهن شڪ جي سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان اهو ڪردار بہ ادا ڪيو آهي.جيڪڏهن نثار صاحب جن جي شخصيت، ڪردار ۽ قابليت جو تجزيو ڪبو تہ هيٺيان اهم پهلو نمايان نظر اچن ٿا، جن ڪيس هڪ مدبر، اعلي منتظم، ڪامياب انسان ۽ ماهر تعليمدان بڻايو.

**شخصي ساک** : سندن شخصيت جو سڀ کان نمايان پهلو سندس ذاتي ڪردار ۽ ساک آهي. جيڪا پاڻ پنهنجي شاندار اعلي سرڪاري نوڪري دوران ٿاهي ۽ آخر تائين قائم رکي، جنهن جي ڪري آءِ بي اي جهڙو ادارو جوڙي ۽ قائم رکي سگهيا.

**اعليٰ انتظامي صلاحيتون هجڻ** : اهو سندن اعلي انتظامي صلاحيتن ۽ تجربي جو ئي ڪمال هو، جنهن ڪري ادارو ٻن ڪمرن کان شروع ڪري ايڏي وڏي سطح تي پهچايو. ان مان سندس منصوبہ سازي ۽ انتظامڪاري جي اعلي صلاحيت جي چڱيءَ طرح خبر پوي ٿي.

**بي انتها دلچسپي ۽ جذبو**: سندس ساٿي، شاگرد ۽ ملنڊڙ ان راءِ جا حامي آهن تہ تعليم ۽ نوجوانن جي روشن مستنقل لاءِ سندس جذبو بيمثال هو. هميشہ استاد طور ڪم ڪرڻ جو شوق ڪيس نندپڻ کان ئي هو. جنهن جذبي ڪيس تعليم ذريعي خدمت ڪرڻ طرف وٺي آئي.




پاڻ هميشہ اهل ۽ ذهين شاگردن کي موقعو ڏنو، خاص طور تي غريب نوجوانن کي اهميت ڏني.

**واضع خواب جو هجڻ** : ڪيس جديد دور، مارڪيٽ ۽ معيشت جي ضرورتن جو پورو پورو اندازو هو.ان ڪري اهڙي معياري اداري قائم ڪرڻ جو خواب لڌو ۽ ان کي حاصل بہ ڪري ڏيکاريو.

**ميرٽ، قابليت ۽ معيار کي اوليت ڏيڻ** : پاڻ پنهنجي ذاتي ۽ پروفيشنل زندگيءَ ۾ ميرٽ، قابليت ۽ معيار کي اوليت ڏيندا هئا ۽ هميشہ ان جي پوئواري پڻ ڪئي ۽ برقرار رکيو.

**جديد دور ۽ مارڪيٽ ايڪانامي جي ضرورتن جو اندازو** : هڪ مدبر طور ڪيس 90 واري ڏهاڪي ۾ ئي يقين هو تہ ايندڙ دور جديد علمن، مارڪيٽ ايڪانامي، نون ڪاروبارن ۽ ايجادن جو آهي ۽ انساني وسيلن جي کپت بہ ان حوالي سان هوندي، ان ڪري اداري جو بنياد بہ ان ضرورت جي پوري ڪرڻ جي مقصد سان رکيو.

**سائنسي علمن ۽ ٽيڪنالاجي جي اهميت کي سمجهڻ** : سائنسي علمن ۽ ٽيڪنالاجي جي ذريعي ئي معاشرو ۽ ملڪ ترقي ڪري سگهي ٿو ان ڪري اداري ۾ سائنس، تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي وارن شعبن ۾ تعليم کي اوليت ڏني.

**ٽيم جوڙڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو معياري نظام جوڙڻ** : ڪو ادارو جوڙڻ ڪنهن فرد جو تہ ڪمال ٿي سگهي ٿو ، مگر ان کي برقرار رکڻ لاءِ هڪ سٺي ٽيم ۽ ڪم ڪرڻ جا اعلي معيار طئي ڪرڻ ۽ ان مطابق ڪم ضروري آهن.

**بهترين بنيادي ڍانچو ۽ سهولتون مهيا ڪرڻ** : سڀ کان وڏيڪ شاندار عمارت ۽ ڪمرن کان وٺي جديد ليب، لائيبريري، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٻيو بنيادي

**روشن ڏيئا**

# پروفيسر نثار احمد صديقي
# 1943 _ 2020
# هڪ نظر ۾

ڊانچو ۽ سهولتون آءِ بي اي کي هڪ معياري ۽ ساک وارو تعليمي ادارو بڻجڻ جون محرڪ آهن.

پروفيسر نثار احمد صديقي (مرحوم) بنا ڪنهن شڪ جي هڪ بهترين، ڪامياب ۽ گهڻ پاسائي شخصيت جو مالڪ هو، جن مان خاص طور تي هڪ سُٺي عملدار، استاد ۽ منتظم وارا رُخ نمايان آهن. ان کان علاوه ڪيس سماجي کيتر ۾ خدمت ڪرڻ سان لڳاءُ پڻ هو، خاص طور تي ٻهراڙيءَ جي ترقي، غربت جي خاتمي ۽ عورتن جي ترقي ۾ دلچسپي رکندا هئا. ان جذبي ۽ سوچ سان سنڌ ۾ ٻهراڙي جي ترقي ۽ غربت جي گهٽتائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ اداري سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سان سلهاڙيو ۽ ان جي بورڊ آف ڊائريڪٽر جو ميمبر ٿيو. پاڻ بورڊ جي 23 فيبروري 2020ع تي سرسو هيڊ آفيس سکر ۾ ٿيل گڏجاڻي پڻ شريڪ ٿيا هئا. ان ڪري سرسو سندس وڇوڙي کي سموري سنڌ سان گڏ سرسو خاندان جي فرد طور هڪ وڏو نقصان سمجهي ٿي ۽ سندس جذبي ۽ ڪيل ڪم کي سلام پيش ڪري ٿي.

*(هي خاڪو سائين نثار صاحب جن جي وفات واري موقعي تي سکر جي سينئر صحافين محترم سرفراز ميمڻ، محترم ممتاز بخاري، پروفيسر سرور پناڻ ۽ آءِ بي اي گريجوئيٽ محترم منور مهر پاران لکيل مضمونن ۽ اداري جي ويب سائيٽ تي ڏنل معلومات جي بنياد تي مرتب ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ سڀني لاءِ ٿورائتو آهيان. مرتب: علي انور آزاد).*



| | |
|---|---|
| پورو نالو | نثار احمد صديقي |
| والد جو نالو | عبدالواحد صديقي |
| جنم جي تاريخ | 1943ع |
| جنم جو هنڌ | ورايو ڳوٺ لڳ سکر |
| سڪونت | پريالوءِ ضلعو خيرپور (سنڌ) |
| ڀائر ۽ ڀينرون | هڪ ڀاءُ ۽ 5 ڀينرون |
| اولاد | 3 پٽ ۽ 4 نياڻيون |
| پرائمري تعليم | پريالوءِ |
| مئٽرڪ تعليم | گورنمينٽ هاءِ اسڪول پريالوءِ ضلعو خيرپور |
| انٽرميڊيئيٽ تعليم | خيرپور |
| ماسٽرس | ايم اي (ايڪنامڪس) ۽ ايم ايڊ سنڌ يونيورسٽي |
| ايل ايل بي | سنڌ يونيورسٽي |
| ايم بي اي | بوسٽن يونيورسٽي، آمريڪا |
| ڇٽا پيٽي جو امتحان | 1974ع |
| سرڪاري نوڪريون | استاد، ايس ڊي ايم، ڊپٽي ڪمشنر، ڪمشنر، مئنيجنگ ڊائريڪٽر سائيٽ، بورڊ ميمبر آف ريونيو ۽ سيڪريٽري گهريلو، مائينز ۽ منرلز. |
| ريٽائرمينٽ | 2004ع |
| آءِ بي اي جو بنياد | 1994ع |
| وفات جي تاريخ | 22 جون، 2020 |
| سرڪاري اعزاز | ستاره امتياز |
| آخري آرامگاهه | سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## ڪم جي پهچ ۽ ڪاميابين جو نچوڙ - جون 2020

### سرسو جي ڪم جي پهچ

| نمبر | عنوان | ڊسمبر 2019 | جون 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | ضلعن جو تعداد | 15 | 15 |
| 2 | تعلقن جو تعداد | 86 | 86 |
| 3 | يونين ڪائونسلن جو تعداد | 707 | 722 |
| 4 | ڳوٺن جو تعداد | 17،347 | 17،605 |
| 5 | منظم ڪيل گهراڻن جو تعداد | 1،159،124 | 1،200،484 |

### ڪميونٽي ادارن جو تفصيل

| نمبر | عنوان | ڊسمبر 2019 | جون 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) جو تعداد | 67،128 | 68،650 |
| 2 | وليج آرگنائيزيشنز (وي اوز) جو تعداد | 12،361 | 12،679 |
| 3 | لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنز (ايل ايس اوز) جو تعداد | 462 | 494 |

### مائڪرو فنانس مان فائدو وٺندڙن جو تفصيل

| نمبر | عنوان | ڊسمبر 2019 | جون 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | انڪم جنريٽنگ گرانٽ (آءِ جي جي) مان فائدو وٺندڙ | 27،343 | 31،639 |
| 2 | ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف) مان فائدو وٺندڙ | 200،677 | 214،227 |
| 3 | مائڪرو ڪريڊٽ پروگرام مان فائدو وٺندڙ | 711،236 | 756،718 |

### اهم تربيتن مان فائدو وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تفصيل


| نمبر | عنوان | ڊسمبر 2019 | جون 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | هنري مهارتن جي سکيا وٺندڙ ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 69،371 | 74،929 |
| 2 | تربيت يافته ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 344،233 | 425،680 |
| 3 | روايتي داين جي تربيت (ٽي بي ايز) | 4،777 | 4،777 |

### اهم پروگرامن يا خدمتن مان فائدو وٺندڙن جو تفصيل

| نمبر | عنوان | ڊسمبر 2019 | جون 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | مائڪرو هيلٿ انشورنس مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا | 672،985 | 672،985 |
| 2 | ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي (سي پي آئيز) جو تعداد | 26،687 | 26،747 |
| 3 | تعميراتي ڍانچي مان فائدو وٺندڙ گهراڻا | 259،311 | 266،487 |
| 4 | گهٽ قيمت گهرن جو تعداد | 20،466 | 21،701 |
| 5 | پولٽري مان فائدو وٺندڙن جوتعداد | 20،221 | 20،221 |
| 6 | پوکيل وڻن جو تعداد | 839،386 | 839،386 |
| 7 | گهريلو سطح تي پوکيل سبزين جو تعداد | 16،878 | 16،878 |

### انساني وسيلن جي ترقي

| نمبر | عنوان | ڊسمبر 2019 | جون 2020 |
|---|---|---|---|
| 1 | هنري سکيا لاءِ ڪميونٽي ميمبرن کي مهيا ڪيل اسڪالرشپس | 69،371 | 74،929 |
| 2 | ڪميونٽي مئنيجمينٽ اسڪلز ٽريننگ تي تربيت يافته ڪميونٽي ميمبرن جو تعداد | 344،233 | 350،751 |
| 3 | مختلف موضوعن تي مهيا ڪيل تربيت يافته سرسو اسٽاف | 6،593 | 6،594 |



# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن


سرسو کامپلیکس، شکارپور روڈ، سکر (سنڌ)

فون 071-56271820 فیکس 111-5627182-071

ویب سائیٹ www.srso.org.pk